# ڀارت جو دوست

# لبنان

ليکڪ: آتم

[ڪتاب اُڻيهون] ٣٩

[٢٢ اپريل ١٩٧٠]

قيمت ڪچي جلد ٽي رپيا
" ڪڙي جلد ڇهه رپيا

نئين دنيا پبلشرس

اي-٤، هيرآباد مينشن، سيتلا ديوي ٽيمپل روڊ،
ماهم، بمبئي-١٦

# لينن - ڀارت جو دوست

لينن، هڪ انٽرنيشنل انقلابي اڳواڻ جي حيثيت ۾ سڀاويڪ سڄي سنسار جي خلق جي آزاديءَ، امن ۽ اُنتيءَ جو اونو ته رکندو ئي هو، ليڪن ڀارتي جنتا جي ڀلائيءَ لاءِ هن جيڪا خاص دلچسپي ڏيکاري، سا هن کي ڀارت جو مترسڌ ٿي ڪري. لينن کي هندستان جي پيڙهجندڙ عوام لاءِ جيتري اٿاهه همدردي هئي، اوتري ئي سخت حقارت، هن کي ڀارت جي پيڙيندڙن خلاف هئي. لينن هندستان جي آزاديءَ جي حقن حاصلڻ لاءِ جيتري زوردار حمايت ڪئي، اوتري زوردار نموني هن ڀارت جي آزاديءَ کي ڪچليندڙن جي ملامت انگريز اوگهڙ ڪئي. پر اِن کان به وڌيڪ لينن هڪ اولهي ايشيائيءَ وانگر ايشيائي آزاديءَ جي هلچل جي اوک ڏوک ڪئي ۽ راهه ٻڌائي ته هڪ دوراندِيش وگيانيءَ وانگر انهي آئيندي بابت صحيح اڳڪٿي به ڪئي. اهو سڀ ڏيکاري ٿو ته لينن هندستان جو سچو ساٿي هو.

اُن زمانــي ۾ ٻئي ڪنهن ملڪ ۾، لينــن جهڙو هندستان جي حق ۾ ڳالهائيندڙ سچو متر ڀيو ڪو نه ٿو نظر اچي. هو ۲۵ کن سالن کان لڳاتار هندستان بابت لکندو

رهيو ۽ ڀارت دوستيءَ جو ثبوت ڏيندو رهيو. هن پهريون ڀيرو ١٨٩٩ع ۾ ڀارت بابت ذڪر ڪيو ۽ آخرين دفعو ١٩٢٣ ۾ ڪيو، جڏهن هو موت سان جنگ جوٽي رهيو هو. اهو ڏيکاري ٿو ته لينن اسان جي ديس کي ڪيڏي نه اهميت ٿي ڏني ۽ آخرين گهڙيءَ تائين به ان کي ياد پئي ڪيائين.

لينن جي رچنائن جا انگريزيءَ ۾ جيڪي ٤٥ کن گرنٿ ڇپيل آهن، ان جا ورق ورائيندي نظر اچي ٿو ته انهن مان ڪيترن ڪتابن ۾، لينن، هڪ ڀارت-دوست جي حيثيت ۾ اسانجي ملڪ بابت ذڪر ڪيو آهي.

## ١٨٥٧ جي بغاوت ۽ بيلڪشاهي

جڏهن ١٨٥٧ ۾ انگريزي سامراج جي خلاف، ڀارت ۾ ڀارتي آزاديءَ جي جنگ جوٽي وئي، تڏهن انهي انگريزن "سپاهين جو بلوو" ڪري بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ليڪن لينن ان پرچار تي نه لڳو، ان واقعي کي بلوو نه، پر "انگريزن خلاف آزاديءَ جي بغاوت" ڪري ڪوٺيو. لينن اهڙو ذڪر پنهنجي اخبار "اسڪرا" جي اصل ڀارتين بابت ۾ هڪ لکيل ليک ۾ ڪيو. ان ليک ۾ لينن، انگريزي سامراجين کي ٿي نندي ۽ ساڳئي وقت ٻين سامراجي ملڪن، خود پنهنجي روسي زارشاهيءَ کي به ننديائين، جن پنهنجن "سامراجي چنبن" ذريعي ٻين ملڪن کي غلام رکڻ ۽ انهي جي آزاديءَ جي هلچل

کي نگھوسار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. (لينن جون گڏيل وچناتون- ڀاڱو ٤- انگريزي ۾.)

لينن ٿي وڌو انگريزي ۽ ٻين سامراجين کي لُوٽ کسوٽ ۽ بئنڪشاهي جي نيتيءَ لاءِ ننديو، پر انهن سوشل ڊيموڪريٽڪ ۽ مزدور شڪتين جي پڻ اوگھڙ ڪئي، جن کي لوٽ کسوٽ جو حصو پڻ ملي ٿو ۽ جن جو وهنوار هو ته سامراجي بئنڪن جي لوٽ کسوٽ ڪون ٿا ڪن، پاڻ انهن کي "سچي" ٿا ٻڌائين. ان باري ۾ لينن ڀارت جو مثال ڏنو، جنهن ١٩٠٧ ۾ "پرولتاري" اخبار ۾ لکيل هڪ ليک، "اسٽٽگرٽ ۾ انٽرنيشنل سوشلسٽ ڪانگريس" ۾ لکيائين، "انگريزي بُورجيا طبقو جيترو قدر ڀارت جي ڪروڙن ماڻهن مان حاصل ٿو ڪري، اوترو هو پنهنجي برطانوي مزدورن مان به حاصل نه ڪندو آهي. ڪن ملڪن ۾ انگريزي مزدور طبقن ۾ پڻ بئنڪشاهي پسند بڻجڻ جو مرض وڌندو ٿي وڃي. البت اها عارضي حالت آهي... (لينن جون وچناتون ڀاڱو ١٣).

لينن جو هي ليک جنهن سري مان ظاهر آهي ته اهو اسٽٽگرٽ انٽرنيشنل سوشلسٽ ڪانفرنس جي سلسلي ۾ ٿي لکيل هو. ان ڪانفرنس ۾ لينن، نام نهاد سوشلسٽن (جيڪي بئنڪشاهي نيتيءَ جا حامي هئا) بي نقاب ڪيو ۽ بئنڪشاهي نيتيءَ جي طرفداريءَ واري نظريي جي زوردار مخالفت ڪري انکي ٽڪاڻي ڇڏيو. چون ٿا ته.

ان ڪانفرنس ۾ ٻن پارٽي انقلابين مخدوم ڪاما ۽ وارلڊ چٽوپاڌياءِ (سروجني نائيڊو جو ڀاءُ) شرڪت ڪئي ۽ لينن جي حمايت ڪئي. ان ڪانفرنس ۾ ئي مخدوم ڪاما ڀارارن ڌعو هندستان جو ترنگو جهنڊو جهولايو ۽ هي ٺهراءُ پيش ڪيو: "ڀارت ۾ انگريزن جو لڳايل راڄ صاف سڌي نموني تباهي آڻيندڙ آهي ۽ ڀارت جي مفادن لاءِ هاڃيڪار آهي. سڄي دنيا جي آزادي پسندن کي، انسانذات جي ٻهڄي حصي (ڀارت) کي غلامي مان آزاد ڪرڻ لاءِ سهڪار ڪرڻ کپي." ان ٺهراءَ جي حمايت ۾ ڳالهائيندي مخدوم ڪاما چيو، "اسانکي خود-ارادي جو حق کپي. اسانکي پنهنجي مرضيءَ موجب اڳتي وڌڻ جو انصاف ملڻ گهرجي."

## لوڪمانيه تلڪ لاءِ طرفداري

لينن ان زماني ۾ هندستان ۾ انگريزن خلاف هلندڙ هلچل کي ڌيان سان جاچي رهيو هو. ڀارت ۾ ان وقت انگريزن طرفان ڪيل بنگال جي ورهاڱي (جنهن کي لينن ڀارتي قومي تحرڪ کي ڪمزور ڪندڙ قدم ڪري سڏيو، جنهن هنجي رچنائن جي ۳۹ پڳي ۾ لکيل آهي) خلاف آندولن ۽ سوديشي هلچل هلي رهي هئي جنهن ۾ لوڪمانيه تلڪ جو خاص رول هو. انگريزن لوڪمانيه تلڪ کي گرفتار ڪري جيل جي سزا ڏني

انگلنڊ جي جان مورلي جهڙا سيدي ڪان وڏيڪ فراخدل ۽ لوڪپسند خيالن وارا شخص به جڏهن ڀارت ۾ گورنر ٿي ويندا آهن، تڏهن چنگيزخان بڻجي جنتا کي سانس ڪرائڻ لاءِ هرڪو قدم کڻندا آهن، اصل واجبيءَ اعتراض اٿاريندڙن کي ڦٽڪا به هڻندا آهن. انگلنڊ جي ”انصاف“ جهڙي ننڍي انگريزي هفتيوار اخبار ٿي به هند ۾ اچڻ تي بندش وڌي ويئي ...... هوڏانهن ڪيترسون وڌي هلندڙ وارين اخبارون ڀارت جي هلچل هلائيندڙن کي مليل سزائن وغيره جي شدمد سان آجيان ڪري رهيون آهن ...... ليڪن ڀارت ۾ جنتا پنهنجن اديبن ۽ واجبيءَ رهنمائن جي حق ۾ بيهڻ لڳي آهي. ساري لوڪشاهي پسند نيتا تلڪ کي انگريزي گدڙن، هندستاني جيوريءَ جي راءِ کي ٺڪرائي، جيڪا لمبي عرصي لاءِ ديس نيڪاليءَ جي بدنام سزا ڏني آهي، جيڪر سرمائيدارن جي ٿلهين جو لوڪشاهي پسند ڪان بدلي وٺڻ جو ڪارنامو آهي، ان خلاف مظاهرا ٿيا آهن ۽ ممبئيءَ ۾ هڙتال ٿي آهي. اڄ ڀارت ۾ به اڀري ٿي مزدورن جي شعوري سياسي عوامي آندولن وڌڻ لڳي آهي ۽ روسي نموني جي انگريزي راڄ جو خاتمو آيو ڪي آيو ......“

هن ليک، مان اهو صاف پڌرو آهي ته لينن ڪي تلڪ جهڙن ڀارت جي آزاديءَ لاءِ اڙندڙ وطن دوستن

لاءِ ڪيڏو نه اٿاهه قرب هو ۽ سامراجي ستمگرن خلاف
ڪيڏو نه سخت ڪروڌ هو. لينن جي دورانديش نگاهه
ڪيترو نه اڳيئي ڀارت ۾ انگريزي راڄ جي خاتمي ۽
مزدورن جي هلچل جي اوسر کي ڀانپي ورتو هو. ۽
اهو به محسوس ڪيو هئائين ته انگريزي سامراجين جو
ڪيڏو به ظلم انکي ڪچلي نه سگهندو.

## آزادي-هلچل ۽ آسيه انگريز

متئين ليکه کان چار مهينا پوءِ لينن "پرولتاري" اخبار
۾ "بالڪن ۽ پرشيا جا واقعا" نالي ليکه لکيو، جنهن ۾
هن ٻڌايو ته ڪيئن نه سامراجي، انهن ملڪن ۾ هلندڙ
آزاديءَ جي هلچل کي دٻائي رهيا آهن، ڇو جو کين
ڀؤ آهي ته "ان هلچل جي ڪاميابي ايشيا جي
لوڪشاهيءَ جي هلچل کي هٿي ڏيندي ۽ ڀارت جي
آزادي جي تحرڪ کي تيز ڪندي"، جنهن جي ڪري
وري "خود روشيا وغيره ۾ انقلاب جي اڀار کي استرگي
ملندي." (ڪڏيل وچانرن، ڀاڱو ١٥)

ان مان ظاهر آهي ته لينن هندستان جي آزاديءَ
جي آندولن کي ايڏي اهميت ٿي ڏني، جو انکي ٻين
ملڪن جي آزاديءَ جي هلچل جو حصو ٿي سمجهيائين.
هن ساڳئي وقت اهو به ٿي سمجهيو ته جدا جدا ملڪن
جي آزاديءَ جي هلچلن جو هڪٻئي تي اثر پوڻ لازمي
آهي، جئن مي ١٩١٣ ۾ هڪ ليکه "ايشيا جي سجاڳي"

ان وقت ائنا جو ڀاءُ ٻارن ٻاهران ٿي هو هن پنهنجي ڏيهه کي سڏايو. ٿلهن وڏي ڳورن واسين کي پتو پئو ته ڳالهه ڇا آهي. هو غصي مان ڀڙڪي اٿيا. پوليس کي مجبور ٿي مڪارمڪ کي گرفتار ڪرڻو پيو. ليڪن انگريز ٽالسٽي جج، هنکي ضامن تي آزاد ڪيو ۽ مقدمي بعد ڪيس ڇڏڻو ٺهرايائين. هي نه انصاف ناهي پر ان جو ملامت پورو مذاق آهي... جج، ائنا جي ماءُ طرفان پيش ڪيل انن شاهدن جي شاهدي ٿي داخل نه ڪئي...... هندستان ۾ نه ٿورا هزارين واقعا ٿيندا هوندا. وڏو هن جهڙو خاص واقعو ٿي ظاهر ٿي سگهيو...... مگر ايشيا جاڳي آهي ۽ انهي جدتا لوڪشاهي پسند بڻجي رهي آهي." (گڏيل رپورٽ، پاڱو ١٩)

هي واقعو ڏيکاري ٿو ته انگريزي سامراج جدهن پاڻکي سڀيه سمجهي، هندستانين ۽ ٻين ايشياواسين کي "سنڌ ريل ۽ سڀيه" ٿي بڻائڻ چاهيو، سو سچ پچ خود اسڀيه هو.

## پارٽي فيلسوفيءَ ۽ سڀيتا لاءِ ڦرق

حقيقت ۾ ليمن ان وچار جوئي وروڌي هو ته ڪر ايشيا اسڀيه آهي ۽ يورپ سڀيه. انڪري ٿي هن جرمن فيلسوف هيگل جي سخت نڪتچيني ڪئي، جدهن پارٽي فيلسوفيءَ کي انسانذات جي فيلسوفاڻي وچار ڌارا کان ٿي ٻاهر رکيو ۽ انکي فيلسوفي کري ڪونه جوڙي

حقدار نه ٺهرايو. انڪري اها عجب جي ڳالهه ڪانهي ته ڇو لينن، هيگل جي وچارن جو اڀياس ڪندي، ڀارتي فيلسوفيءَ بابت ڪيل هن جي رجعت پسند ۽ نڪرواديءَ ڳالهين کي رد ڪيو ۽ ڀارتي وچارڪن جي انهن خيالن ڏانهن اشارو ڪيو، جيڪي هن ان وقت پيش ڪيا هئا، جڏهن انساني سڀيتا اڃا رڙهيون پائي رهي هئي. اهڙيءَ طرح لينن پنهنجن "فلاسافيڪل نوٽبڪس" ۾، آڳاٽي ڀارتي فيلسوفيءَ جي ڪن سرشتن ۾ سمايل اندروني جدليات (Dialectics) جو ذڪر ڪيو، "جڏهن ۾ برهما پيدا ٿي شڪ ٿو ٿئي" ۽ پيدا ٿو ته "اهو تبديليءَ، گم ٿيڻ ۽ وري پيدا ٿيڻ واري خيال جو خاص اظهار آهي."

اهڙيءَ طرح لينن، ڀارتي آزاديءَ جي هلچل ۾ ڦهليل قومي ڀاونا مان انگريزي سامراج-ورودي معنيٰ ڪڍي ۽ انجي اهميت سمجهائي، جڏهن ١٩١٢ ۾ هڪ جارج ولگنير جي لکيل ڪتاب "ماڊرن انڊيا" مان نوٽس وٺندي لينن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته "اها قومي ڀاونا سان ڀريل هلچل ۽ انگريزن جي خلاف آهي. اها ايشيا واسين جي پنهنجي ڪار، لاءِ آهي ۽ اها هرڪنهن ايشيا جي چيز جي طرفدار آهي..." انهن نوٽس ۾ لينن ڀارت ۾ "هلندڙ دهشت پسندن" جي هلچل ۽ انڊين نيشنل ڪانگريس ڏانهن به اشارو ڪيو

آهي ته اهو به لکيو آهي ته ”انگريز، هندن مسلمانن
جي دشمنيءَ جو خاص فائدو وٺن ٿا ۽ ورهائي راڄ ٿا
ڪن.“

ليمن کي هندستاني سڀيتا ۽ جنتا لاءِ ايڏو ته قرب
هو، جو جڏهن به ڪو ليکڪ انهن کي لوڙڻ جي ڪوشش
ڪندو هو ته ليمن انکي سخت ننديندو هو، جئين
جارج ويکنيم پاروت ۾ ”انگريزي تعليم جي ڪري پيدا
ٿيل ودوان طبقي“ لاءِ گهٽ وڌ لکيو، تڏهن ليمن ان
ليکڪ کي ”رجعت پسند شونو“ سڏڻ جي سخت
ڪلامي ڪرڻ کان به نه هٽڪيو. (گڏيل وچائون،
پاڱو ٣٩)

ليمن انهن نوٽس ۾ ساڳيءَ طرح هڪ ٻئي ليکڪ
آرل آف ڪرومر جي ڪتاب ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي،
جنهن ۾ ليکڪ ”اها وڪالت ڪئي آهي ته، هندستان
کي غلام ڪيو وڃي ۽ انکي آزاد ڪرڻ ٿيندو، انساني
سڀيتا خلاف گناهه ڪرڻ.“ ڪرومر پنهنجي ڪتاب ۾
هڪ پارٽي انقلابي مدن لعل ڍينگرا خلاف نفرت ۽
غصي جو اظهار ڪيو آهي، ڇاڪاڻ جو ان انگريزن
کي سندن ظلم جو سبق سيکارڻ لاءِ هڪ انگريزي
جاسوس ڪرزن وائليءَ کي گوليءَ سان شوٽ ڪري
ختم ڪيو هو. اهو واقعو لنڊن ۾ ٻارهين جولاءِ ١٩٠٦ تي
ٿيو هو. ڍينگرا جيڪو لنڊن ۾ پڙهندڙ ودارٿي هو،

لنڊن پنهنجو بيان انگريزيءَ ۾ لکيو هو، جيڪو ڪيس
ڪورٽ ۾ پڙهڻ به نه ڏنو ويو، جو پوءِ اخبارن ۾ ڇپيو
هو. ڍينگرا کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي، جا هن
خوشيءَ سان قبوليندي چيو، ”مونکي فخر آهي جو
مونکي پنهنجي جنم ڀوميءَ لاءِ پنهنجي حسين زندگي
قربان ڪرڻ جي عزت ملي آهي.“ ڍينگرا جي ڦاسيءَ
۽ ٻئي واري بيان سڄي يورپ ۾ سنسني ڦهلائي ڇڏي
هئي. لينن به انڪري ان واقعي جو نوٽ ورتو هو.
لينن، ڪرومر جي ڀارت-وروڌي رخ جي ڪري، هن
لاءِ لکيو آهي ته ليکڪ ”ڀاڙوتي طرح نه ڀاڻڪي وڏو
وڏوان ڏيکارڻ جو ڪيگهه ملايو آهي، ٻر سچ پڇ ته هن،
ڪتاب ۾ رڳي اجائي بڪ بڪ آهي ۽ هو انگريزي
سامراجشاهي ۽ نوڪرشاهيءَ جو نڪر آهي.“ (گڏيل رچنائون
ڀاڱو ٣٩)

## ”ڀارت جا طرفدار آهيون“

١٩١٤ ۾ جڏهن ٿي پهرين مهاڀاري لڙائي شروع ٿي
لڳي ٿي لينن انهي سلطنتشاهي جنگ سڏي انهي
مخالفت ڪئي. ليڪن هن جي مخالفت مائيٽن مارهن واري
نه هئي. هن جو چوڻ هو ته جنگيون جدا جدا قسمن جون
ٿين ٿيون. ڪي اڳرائي وارايون، ڪي پنهنجي بچاءَ
وارايون ته ڪي قومي آزاديءَ لاءِ لڙندڙ جنگيون. هن
ان وقت ”سوشلزم ۽ جنگ“ نالي چوپڙي ۾ لکيو ته

"جيڪڏهن سڀاڻي موراڪو، فرانس خلاف ۽ ڀارت انگلينڊ خلاف يا پرشيا يا چين رشيا خلاف جنگ جو اعلان ڪري ته اهي جنگيون 'انصاف پسند' ۽ 'پنهنجي بچاءُ' لاءِ ليکبيون، پوءِ ڀلي ڪٿي ڪير به ان شروعات ڪري، ڪو به سوشلسٽ انهن ئي چاهيندو ته ٻڌل غلام ملڪن کي، ٻڌندڙ، غلام رکندڙن ۽ ڦرلٽ ڪندڙ 'وڏن' طاقتن مٿان سوڀ ملي." (ڪليڪٽڊ ورڪس، ڀاڱو ٢١) ان جو مطلب هو ته انگلينڊ کي لڙائيءَ ۾ مدد ڪرڻ جي لحاظ کان ڀارت کي پنهنجي آزاديءَ جي هلچل بند ڪري ڇڏڻ نه کپي. جنهن ١٩١٥ ۾ اليگزينڊرا ڪولانتائيءَ کي لکيل لينن جي هن خط مان به صاف آهي: "مان اصولي طرح اهو غلط ۽ عملي طرح هاڃيڪار ٿو سمجهان ته جدا جدا قسمن جي لڙائين کي جدا جدا نمونن جي ڪسوٽين تي نه پرکيو وڃي. اسين قومي آزاديءَ جي جنگين جي مخالفت ڪري ئي نٿا سگهون... مثال طور اسين انگلينڊ ۽ ٻين ملڪن جي پاسي ۾ ڀارت جا طرفدار ناهيون؟" (ڏسو سوويت لٽريچر نمبر ٣، فيبروري ١٩٦٩ ۾ مسٽر بي-شاسٽينڪر جو ليک)

ان لڙائيءَ جي وقت ۾ ٻين کي خود-ارادي جي حق ڏيڻ جو سوال به اٿيو، جنهن جي ڪن نامنهاد سوشلسٽن ٻاران به مخالفت ڪئي ته سلطنتشاهي راڄ ۾ اهو ممڪن ڪونهي. ليڪن لينن چيو ته اسان سوشلسٽن

ڪي ان خود-ارادي جي حق جي زوردار حمايت ڪرڻ
ڪري. هن لکيو، "...ان کان انڪار ڪرڻ عبث ٿيندو
ڇو ته جرمنيءَ ۽ انگلنڊ جي وچ ۾ خاص فرق جي رشتي ۾
ٿوري ئي تبديل ٿيڻ سان اڄ يا سڀاڻي پولش، هندستاني
يا ٻي ڪا اهڙي حڪومت عملي روپ وٺي سگهي
ٿي." (گڏيل ڇپائون، پڳ ٢٢) سچ پچ مهاڀاري جنگ
جي پوري ٿيڻ کانپوءِ جلدي پولش حڪومت کي
آزادي ملي ئي ويئي.

ليمن ان وقت انگلنڊ جي سوشلسٽن کان التجا
ڪئي ته هو هندستان جي آزاديءَ جي حق کي تسليم
ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪن ته ته هو پاڪنبي سوشلسٽ
ليکبا. "برن سوشلسٽ ڪانفرنس" جي ٺاهي ۾ لکيل
ليک ۾، ليمن چيو، "سوشلسٽن کي، جنتا کي اها ڳالهه
سمجهائڻ کپي ته جيڪي انگريزي سوشلسٽ آئرلنڊ ۽
ڀارت جي حق لاءِ هلچل نٿا هلائين، سي فقط نالي ۾
سوشلسٽ ۽ انٽرنيشنلوادي آهن پر عملي طرح هو تنگ
قوم پرست ۽ ملڪگير آهن." (گڏيل ڇپائون، پڳ ٣٦)

ليمن، خود-ارادي جي سوال تي نه صرف نام نهاد
سوشلسٽن کي ننديو، پر انهن گمراهه ٿيل سوشلسٽن جي
به ڇيڙي لاٿي، جن سوشلزم جي اکرن ۾ اڙجي پارٽ
۽ ٻين ملڪن جي خود-ارادي جي حق جي مخالفت
ڪئي. هڪ اهڙي سوشلسٽ مسٽر پي-ڪيوسڪيءَ چيو

ته ”جڏهن نيم بيندڪن ۾ پرولتاري (مزدور) معنيٰ وارو طبقو ڪونهي، تڏهن ڇا اُنسي اڙجيا طبقي لاءِ اِسا هارين لاءِ خود-ارادي جو حق گهرجي؟ لاشڪ نه. سوشلسٽن لاءِ، بيندڪن واسطي خود-ارادي جو حق طلبڻ عبث آهي جو نه، انهن بيندڪن وارن ۾، جتي مزدور آهن ئي ڪونه، تڏهن اتي مزدور پارٽيءَ جو نعرو ڪيئن ڏيو هڻي سگهجي؟“

ليمن، ڪيوسڪيءَ کي دندان شڪن جواب ڏيندي لکيو، ”بيندڪن ۽ نيم بيندڪن جي هڪ سو ڪروڙ آدم مان ته ۷۰ ڪروڙ انهن ملڪن جا آدم آهي، جتي مزدور آهن، جهڙوڪ چين، ڀارت ۽ پرشيا. ليڪن جن بيندڪن ۾ مزدور ڪونهن، انهن لاءِ پڻ خود-ارادي جو حق طلبڻ نه رڳو عبث ڪونهي، پر هرهڪ مارڪسواديءَ جو فرض آهي.“ ليمن نه اهڙي ڇوڻ ڏالين ته، ويو ته ”اسانکي منگوليا واسين، پرشيا واسين، هندواسين ۽ مصرواسين سان ميل ميلاپ ۽ ملي ڪم ڪرڻ لاءِ هرڪو آدم ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ ۾ اسانجو وشواس آهي، اهو اسانجو فرض به آهي ته اهو اسانجي فائدي لاءِ به آهي، نه ته يورپ ۾ سوشلزم سلامت نه رهندي.“
(گڏ ٻل رچناڻون، ڀاڱو ۲۳)

ليمن ان زماني ۾ نه فقط پاڻ ڀارت جي آزاديءَ لاءِ طرفداري ڪئي ۽ ڀارت-متر ٿا جو اظهار ڪيو، پر اسانکي

انهن جرمن واسين کان خبردار ڪيائين، جن پارٽي - مترتا
جو ٻاهريون ڍونگ ٿي ڪيو. ان باري ۾ هن 1916 ۾
"جرمن ۽ غير جرمن لنگ قومپرست" ٽالسي لکيل
خاص ليک ۾ چيو، "جرمن اخبارون، ڏاڍي شدمد سان،
ڪوڙي ڏيکاءُ وچان پارٽي جي آزاديءَ جي هلچل
بابت خبرون پيئون ڇپين. ان جو مطلب ٻڌائي
سمجهي سگهجي ٿو... جرمن سامراجي اوُجيا شخص
جو مقصد، هندستان کي متاثر ڪرڻ کان وڌيڪ پنهنجي
جرمن جنتا کي بيوقوف بڻائڻ جو آهي ۽ هيڻو ڏيان
ڪرو ڳالهين کان هٽائڻ جو آهن... ته ڏسو ڀلا اهي ساڳيا
ٿي جرمن پنهنجي همت هيٺ رکيل غلام ملڪن جي
آزاديءَ بابت چون ٿي چو چاڙهي جو ونا آهن؟..."
(گڏيل رچنائون، پاڱو ٣٢)

## پارٽي ڪسان

لينن ان جنگ جي دوران ۾ ئي پنهنجو هڪ شاهڪار
ڪتاب "سامراج واد-پونجيواد جي آخري منزل" لکي
پورو ڪيو. ان ۾ هن، سلطنتشاهي ۽ سرمائيداريءَ جي
پوري پوري اوک ڊوک ڪري مارڪسواد ۾ اضافو ڪيو
آهي. ان ڪتاب ۾ به لينن هندستان بابت حوالا ۽ مثال
ڏنا آهن ته ڪيئن نه انگريزي سامراجين پارٽي جي
ڪسان جو خون چوسي پنهنجا پيٽ ڀريا آهن، ڪيئن
هن پنهنجي ملڪ انگلينڊ کي هندستان جي زراعت

جي آڌار تي، ڊارڊسمٿ هڪڙي پاڦتو ملڪ ٻڌايو آهي، پر ڀارت کي ڏڪار ۽ ڏکن جو ديس ٻڌايو آهي. هن اهو ثابت ڪيو آهي ته ڀارت جي بک ۽ غريبي خدائي ڪانهي، پر سامراجواد جي لوٽ ڪسوٽ جو نتيجو آهي.

هن ڪتاب لاءِ ليمن ڪيترن سالن کان انيڪ ڪتابن جو ابياس ڪندو رهيو ۽ انهن مان حوالا ۽ انگ اکر ڪٺا ڪندو رهيو، جن ۾ ڪافي ڪتاب هندستان بابت به آهن. ليمن ان ڪتاب ۾ لکيو آهي، "ڀارت، انڊونيشيا ۽ چين جو ٽي مثال کڻجي. اهي ٽنهي ملڪن ۽ انهن ملڪن ۾ ٧٠، ٨٠ ڪروڙ آدم رهن ٿا، جڏهن ڪيترن سامراجي ملڪن جهڙوڪ انگلينڊ، فرانس، جپان، آمريڪا وغيره هتان اسڙجي رهيو آهي..." (ڪڏيل وچانون پنو ٢٢)

ليمن هابسن جي ڪتاب "سامراجشاهي" مان حوالو ڏيندي لکيو آهي، "ڀارت جا ڪروڙين ڪڙمي اڄ اڪثر زمين تي سخت جدوجهد سان گذران ڪري رهيا آهن. هنن جي زندگي، بکن فاقن سان لڳاتار لڙندي گذري ٿي ۽ آخر ۾ اڪثر ڪري هار نصيب ٿين ٿي. هنن جي تڪليف اها ڪانهي ته ڪيئن انساني نموني سان حياتي گهارجي يعني غريباڻي درجي وارو گذران ڪجي، پر ڪيئن نه ڪري موت کان بچڻ لاءِ ڪوڙي به حياتي گهارجي... سچ پچ ته هندستان ۾ سڄي ڪن آباد ٿيل ملڪن جي، جن هنن تي ڏڪار واڳا وڇائي رکيو

آهي.” (ڪڏيل رچنائون، ڀاڱو ٣٩)

حقيقت ۾ لينن پارٽي ڪسانن جي اڪثريت جو ذڪر پهريان پهريان پنهنجي ڪتاب ”روس ۾ سرمائيداريءَ جو وڪاس“ ۾ ڪيو آهي، جيڪو ١٨٩٩ع ۾ ڇپيو هو. هن ان ڪتاب ۾ لکيو آهي ته ”هندستاني هاري جيڪي ڍلن ۾ ٻڏجي رهيا آهن، تن جي پيدا ڪيل سستي اناج جي چٽاڀيٽيءَ جي ڪري، يورپ ۾ زرعي گهوٽالو پيدا ٿيو آهي...“ (ڪڏيل رچنائون، ڀاڱو ٣). لينن، ان ڪتاب ۾ وڌيڪ هندستان جي ڳوٺاڻي جيوت ۾ آيل پورهيتي جي وراهست جو پڻ حوالو ڏنو آهي.

## سوشلسٽ انقلاب بعد

لينن جو هي ڀارت-دوستيءَ جو اظهار روس ۾ آيل سوشلسٽ انقلاب کان اڳ واري وقت جو آهي. اهو انقلاب نومبر ١٩١٧ ۾ ٿيو، جڏهن اڃا پهرين مهاڀاري جنگ چالو هئي. انقلاب بعد ته ڀارت دوستيءَ جي ان اظهار ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو. لينن جنهن کي نئين سوويت حڪومت جون واڳون ورتيون، تن ئي هن ٽن مکيه فرمانن جو اعلان ڪيو جي هئا امن بابت، روٽيءَ بابت، زمين ۽ خود-ارادي جي حق بابت. يعني ته روس لڙائيءَ مان نڪري آئي ۽ سڀني ملڪن کي جنگ بند ڪرڻ جي آڇ ڪيائين، جنتا جي روٽيءَ جي حق کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ اپاءَ ورتائين ۽ جن به قومن کي

رشيا جي اڳين زارشاهي سرڪار ڌارين کي غلام رکيو هو،
ان سڀني کي آزادي (اصل رشيا کان به، ڇڏي ڌار ٿي
وڃڻ جي آزادي) ڏني وئي ۽ زمين هارين ۾ ورهائي
وئي.

ان زماني ۾ رشيا ۾ تازي آيل انقلاب وقت گهرو
لڙائي ۽ مشڪلاتن ۾ سخت مشغول هوندي به لينن
اسانجي ديس ۾ دلچسپي نه رڳو قائم رکي، پر انهي اضافو
آندو. ان باري ۾ روسي ليکڪ پي. شاستيڪو،
”سوويت لئنڊ“ اپريل ١٩٦٩ جي ٧ پرچي ۾ لکيو،
”جنهن وقت رشيا ۾ جرمنيءَ جي قبضي جو تکڙو
خطرو هو ۽ برسيٽ جي صلح جهڙي عهدنامي لاءِ بهتر
شرط حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي، تڏهن
به لينن وقت ڪڍي، پاروف ابابت زبردست ماهر ۽
ايشيائي معاملن جي ڊاڪٽر ايس. اولڊنبرگ، کي
ملاقات ڏني، جنهن ۾ لينن هيڪي چيو، ’هي ٺهڪجي
وشيه آهي ... اها جيتريڪ اسانکان گهڻو دور ٿا ٿي
لڳي ته به آهي اسانکي ڏاڍي ويجهي ... جيئنا ڏينهن
وڃو، ورهيتن ڏانهن وڃو ۽ انهکي پارت جو اتهاس
پڙهايو، ڪين ان ملڪ جي انهن لکين بدنصيبن جو ڏن
جهوني زماني کان ٿي سهندڙ تڪليفن کان واقف ڪرايو،
جنکي انگريز غلام رکي وينا پيا آن. ۽ پوءِ توهين ڏسندا
ته ڪيئن نه اسانجي مزدور جنتا توهانجي آجيان ڪندي

ڪري. ٻورهين ٻاڙ نين ٽلاشين، نبن ڪوچائن ۽ ٻڙدست وڳيانڪ اهميت وارن رچنائن لاءِ آساهت ٿيندا.”

ساڳيءَ طرح لينن جي ئي هدايت هيٺ لينن‌گراڊ جي اورينٽل انسٽيٽيوٽ ماڊرن ڀارتي ٻولين ۽ ڀارتي اتهاس جي اڀياس جو بندوبست ڪيو. (پڙهو ٢٥ آڪٽوبر ١٩٦٩ جي ”مين اسٽريم“ اخبار)

هي حقيقتون ئي ٻڌائجي ٿو لينن جي ڀارت-دوستيءَ جو هڪ اعليٰ مثال آهن. اهي صاف ٻڌائين ٿيون ته هن جي هردي ۾، هندستان لاءِ ڪيڏو نه قرب سمايل هو ۽ اسانجو ديس ڪيس هردم ياد هو.

ان ڏکئي سمي، لينن، آگسٽ ١٩١٨ ۾ آمريڪي پورهيتن ڏانهن جيڪو خط لکيو، ان ۾ ڀارت جو ذڪر ڪيائين ته ڪيئن نه انگريزي سامراجي ڀارت جي ڦرلٽ ڪري رهيا آهن. (گڏيل رچنائون، ڀاڱو ٢٨)

## جليانوالا ڪوس ۽ قومي جاڳرتا

١٩١٩ ۾، ظالم انگريزن، امرتسر ۾، جليانوالا باغ ۾ صلح‌پسند ۽ بي هٿيار جنتا جو قهري ڪوس ڪيو. ان ساري سنسار کي ڏڏڪو ڏئي ڇڏيو. ليڪن اهو شايد رشيا ئي هڪڙو ملڪ هو، جنهجي ٻاران لينن لکيو ۾ هندستان سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو. هن اسانجي روزاني اخبار امرت بزار پتريڪا جي سمباد ڪ ڏانهن تــار ڪرائي، جنهن ۾ لکيل هو ته ”مسٽر لينن،

ٽرهانجي مشهور اخبار ۾ جليانوالا باغ جي خوني جدوجهد جي خبر ڇڙهي آهي. هو سوويت سرڪار جي ٻارن، هندستاني ٻارن سان، سعدن الصاف ۽سعد مقصدن سان پوري پوري همدردي ڏيکاري ڪري." (سوويت لئنڊ، نمبر ٧، اپريل ١٩٦٩)

ان ڪن سالن کان پوءِ، ليدن وري جليانوالا باغ جي ڪوس جو ذڪر ڪيو، جنهن ويچار هو ته انگريزن جي وحشاڻيءَ جا ڪارناما، هندستان ۾ وڏيڪ جاڳرتا پيدا ڪندا ۽ قومي آزاديءَ جي هلچل کي وڌي هٿي ڏيندا. ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي ٻيڪا ڻين ڪانگريس کٿي ٿي، تنهن اڳيان پنهنجي رپورٽ پيش ڪندي ليدن چيو، "... ايشيا ۾ انقلاب جي وڌي واس ڏيکاري جي رفتار، هڪ طرف ڪارخانن جي ۽ ريلوي مزدورن جي وڌندڙ عدد ڪري ۽ ٻئي طرف انگريزن جي هر گهڙيءَ ڪيل امرتسر واري ڪوس (يعني جليانوالا باغ واري ڪوس) ۽ ڪليل رستن تي ڦٽڪا هڻڻ وغيره جي وڌندڙ وحشاڻيءَ جي ڪري، تيز ٿي رهي آهي." (ڳنڍيل وچاڙون، ڀاڱو ٣٢)

ليدن کي وشواس هو ته نه رڳو ايشيا ۾ ٻار دنيا جي ٻين ڀاڱن ۽ غلامي ملڪن ۾ آزاديءَ جي آندولن جي لهر ڇوڙ وٺندي ۽ هڪ ڏينهن اهي ملڪ آزاد زندگي ماڻيندا.

## پارٽي انقلابي

۽ اها حقيقت آهي ته لينن جي وهڙيءَ ۾ آيل سوشلسٽ انقلاب جا ساٿي، هندستان ۾ ٻاڻ وڌڻ لڳا. انهن مان گهڻا پارٽي انقلابي هئا، جيڪي ٻاهران ٻاهران متاثر ٿيا هئا. روشيا ۾ جڏهن ٿي نومبر ١٩١٧ تي انقلاب ٿيو تڏهن ٿي پارٽي انقلابين ۽ ٻين لينن جي ديس جون ڳالهيون شروع ڪيون. ان وقت مئڪسم گورڪيءَ لکيو، "هندستان جي ڏور ڏور ڳوٺن مان هندستاني، جيڪي انگريزي آفيسرن جي ڪجھ وقت کان هلندڙ ظلم جا ستايل هئا، سي ڳجهه ڳوهه ۾ سوالن ڪري، ڪهي جبل جهاڳي، پيلا لتاڙي، پنهنجون جانيون جوکي ۾ وجهي، ڪابل جي روسي سفارتخاني ڏانهن ڪوچ ڪندا آيا. ۽ جڏهن هو اتي پهتا ٿي تڏهن هنن ٻهراڙين سوال اهو ٿي پڇيو ته 'اهو لينن ڪير آهي؟'"

جڏهن هندڪي لينن ۽ انجي نئين سوويت سرڪار بابت صحيح خبرچار ٿي ملي تڏهن انهن مان ڪيترن خود روشيا ۾ وڃي لينن سان ڳالهه ڪرڻ چاهيو. ۽ اهڙا ٻهراڙين ٻهراڙين ۾ انقلابي جيڪي، نومبر ١٩١٨ ۾ روشيا ۾ پهتا، سي هئا محمد هادي ۽ احمد هنڙس، جيڪي سڀ ڏاڍا هئا - پروفيسر ستار ۽ جبار، هو پارٽواسين ٻاران مبارڪن جو سنيهو کڻي اوڏانهن ويا هئا. هنن جو سنيهو هندستان ۾ ته زمين نڪرندڙ اخبارن ۾ ١٩١٧ ۾ ڇپي

انقلاب وقت ڇپيو هو، ۽ هن ڪري رشيا ٻاهرين ٻي هڪ سال لڳي ويو. هن جو اڳي سلامت ٻاهرين ڄڻ هڪ ڪرشمو ٿي ڪڏريو. ان سنيهي بابت ١٧ نومبر ١٩١٨ تي ”ازوستيا“ روسي اخبار ۾ خبر اچي ڇپي هئي. اهو سنيهو ٢٥ نومبر ١٩١٨ تي ماسڪو ۾ آل رشين سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ اڳيان ڪوناهل ميٽنگ ۾ پڙهيو ويو هو.

سنيهي جو ڪجهه ذڪر هي هو: ”توهان لوڪشاهيءَ جي راهه ۾ جيڪا وڏي سوڀ حاصل ڪئي آهي، هندستان توهانکي اُن لاءِ مبارڪون ٿو ڏئي. توهان حڪومت جون واڳون سنڀالڻ ڪانپوءِ جن اوچ ۽ انسانيت پسند اصولن جو اعلان ڪيو آهي، تنکي اسين چاهيون ٿا. هندستان جي، ڏکيءَ در، توهانلاءِ اهائي دعا آهي ته شل توهانکي انهن اوچ آدرشن تي مڪمل آزادي سان بيهڻ جي توفيق بخشي......“

هن عوضين لاءِ الي جيڪا قرار ڪئي، تنهن چيائون، ”روسي انقلاب جا رهبرو! سائيو ۽ دوستو! اسين توهان جا شڪرگذار آهيون جو توهان اسانکي هتي ڳالهائڻ جو ۽ هندستاني جنتا ٻاران مبارڪون ڏيڻ جو موقعو ڏنو آهي. اسين روسي انقلاب جي مرحبا ٿا ڪريون جنهن اسانجي جدوجهد لاءِ نئين راهه کولي آهي... دنيا کي ٻارهه بابت ڪري واڱ

سواءِ ڪري نه ملي جو ته اهڙا انگريزي سلطنتشاهي ۽
۽ سرمائيداريءَ جي ليڪي آهي ته جنهن ڀارت ۾ هوءَ جيڪا
قربت ۽ ظلم ستم ڪري رهي آهي، انجي سچي خبر
دنيا کي نه پئي ...... رشيا جي انقلاب جو پارٽي
عوام تي تمام زبردست اثر ٿيو آهي. انگلنڊ جي
ڪيتريءَ ئي ڪوشش جي باوجود قومن جي خود آزادي
جي حق جو نعرو پارٽوائين جي دلين تائين پهچي ٿي
ويو آهي ...... ڀارت ۾ جو هلچل زور وٺي ويئي آهي
ته اسانکي اها پڪ ٿي ويئي آهي ته هاڻي انگلنڊ
ڀارت کي پنهنجي قبضي ۾ رکي نه سگهندو......
... انگلنڊ لاءِ هاڻي ڀارت ۾ رهڻ ني ناممڪن آهي ...
اسانکي هيڪا اميد آهي ته هن شاهي آزاد رشيا جا
اسانجا ڀائرو، اسانکي آزادي حاصل ڪرڻ ۾ مدد جو
همت ڏکيو پيدا، سائيو! اسانکي اها پڪ آهي ته اهو
ڏينهن جلد ايندو، جڏهن اسانجو سوا ٽيه ڪروڙ آدم،
جو دنيا جو پنجون حصو آهي، سو ڌارين جي غلاميءَ
جي چنبي مان آزاد ٿيندو!"

سينٽرل ايگزيڪيوٽر ڪاميٽيءَ پڻ ڀارت جي
آزاديءَ لاءِ ٽريڊز جنتا کي مبارڪون موڪلڻ جو ٺهراءَ
ڪيو، جنهنجي خوب آجيان ڪئي ويئي.

هنن پارٽي عيوضين کي انقلابي ماسڪو ۾ جيڪا
آجيان ملي، تنهن سندن دل تي ڏاڍو اثر ڪيو. ۽ ان

ڪان وٺي ٽڪ ٽئين لينن سان ملاقات جو، جيڪا ٺٽين ميٽنگ تائين، ۽ ڏينهن اڳهه، ماسڪو ۾ ڪرملن ۾ ٿي هئي. ان محل ۾ هن ان پارٽي انقلابين جي دلين ۾ جيا وڌيڪ ساڙيو هوندو، ان جو اندازو لڳائڻ ڏکيو ڪونهي. هن لينن کي هڪڙو خوشبودار چندن جي ڪاٺ جو لڪڙ، جنهن جي مٿان ٻيڙي عاج جي ٺهيل هئي، سوغات طور ڏنو جو اڄ ڏينهن تائين سوويت ڀارتين جي لينن ميوزيم ۾ رکيل آهي ۽ روسي-ڀارتي جنتا جي محبت جو اعلي يادگار آهي.

مي ۱۹۱۹ ۾ ٻي هندستاني انقلابين جي هڪ ٻي سفارت، لينن سان ملي. انجا ميمبر هئا- راجا مهيندر پرتاپ، مولانا برڪت الله ۽ هڪ نوڪر ابراهيم (پنجابي هاري) ۽ ٻيا. پارٽي انقلابين ڪابل ۾، ان زماني ۾، جيڪا آزاد ڀارت جي عارضي سرڪار ٺاهي هئي، راجا مهيندر پرتاپ انجو پريزيڊنٽ هو، برڪت الله وزير اعظم ۽ مولانا عبيد الله سنڌي پرڏيهي وزير هو.

لينن سان ملاقات وقت، راجا مهيندر پرتاپ، جيڪو اڄ ب، جيئرو آهي، هڪڙي پنهنجو جرمن ۾ لکيل "رلجن آف لو" ڏنو، لينن يڪدم واڻيس، "اهو منهنجو پڙهيل آهي. اهو ڪتاب ٽالسٽائوادي آهي." اهو ڏيکاري ٿو ته لينن ڪيتري ته پارٽي انقلابين وغيره جي لکيل ڪتابن جو به اڀياس ڪندو رهندو هو.

جي مقصد لاءِ هو ڌمڪ خوشيءَ سان قبول ڪري ٿو.“

لينن، ان ٺهراءَ جي جواب ۾ جيڪو پنهنجو وڏو
سنيهو موڪليو، سو سندس مترن جي پاران جو هڪ
اهم ۽ صاف مثال آهي. لينن چيو، ”مولڪي اهو ڏسي
ڏاڍي خوشي ٿي آهي ته اسانجي مزدورن ۽ هارين جي
ريپبلڪ (روشيا) انيڙال قومن لاءِ، داش ۽ ونيش جي
سرمايدارن کان آزادي حاصل ڪرڻ ۽ خود-ارادي جي
حق وٺڻ لاءِ پنهنجي اڳيان جيڪي اصول رکيا آهن،
ان جي ترقي پسند هندستاني آجيان ٿا ڪن، جيڪي
خود به پنهنجي آزاديءَ لاءِ اڙي رهيا آهن. روشيا جو
پورهيت عوام، پارٽيءَ جي هارين ۽ مزدورن جي جاڳرتا
ڪسي، ايڪاگر ورتيءَ سان ۽ ٿيان ڏئي رهيو آهي.
پورهيتن جي جماعت بندي، انتظام، سڀني شيلتا ۽ ايڪتا،
سڄي دنيا جي پورهيتن جي ڪاميابيءَ جو آڌار آهن.
اسانکي هندن ۽ مسلمانن جي ميلاپ تي گهڻي خوشي
ٿي ٿي ۽ اسين سچيءَ دل سان چاهيون ٿا ته هنجي
ايڪتا شل اوڀر جي سڀني محنت ڪش ۾ ڦهلجي وڃي.
رڳو جڏهن هندستاني، چيني، ڪوريائي، جپاني، پارسي
۽ ترڪ مزدور ۽ ڪسان گڏجي هڪٻئي ڏانهن هٿ
وڌائيندا ۽ آزاديءَ جي گڏيل ڪار، لاءِ ڪلهي سان ڪم
ڪندا، تڏهن وڃي اوڀر ڪسوت ڪندڙن خلاف آخرين
سرپ جي پڪ ٿيندي. آل ايشيا زنده باد!“

(ڳاڏيل وڇائون، ڀاڱو ٣)

ليڪن ٻهراڙين دفعو ڏٺئين سمجهي ته نه فقط هندستان
جي آزاديءَ لاءِ ٻر ايشيا ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جي
سڀني ماڻهن جي آزادي ۽ اُنتيءَ لاءِ محنت ڪش ماڻهن
(هارين ۽ مزدورن) جي ايڪتا جي ضرورت ۽ اهميت
ڏانهن صاف ۽ زوردار نموني اشارو ڪيو آهي، جيڪا
ٿي خون چوسيندڙن جو خاتمو آڻي سگهندي. ليڪن
وڌيڪ اهو به ٻڌائو آهي ته ڪئين رشيا جي پورهيت
جنتا، هندستان جي مزدور ۽ ڪسانن جي سچائيءَ
ڏانهن ڏيان ڏيئي رهي آهي. ليڪن جو هي هڪ طرف
ڏوستاڻو رخ آهي. ان رخ کي ڄاڻڻ جهڙي زارشاهيءَ
واري رخ سان ڀيٽجي ٿو ته رات ڏينهن جو تفاوت نظر
اچي ٿو.

زارشاهي واري رشيا ڀارت جي پورهيت ۽ انقلابي
جنتا سان دوستاڻو ناتو ڳنڍڻ نه ٿي چاهيو، الٽو مدد
مدد جي ماڳ، نقصان رسايو. ان ساري ۾ مشهور
پارٽي انقلابي راجا مهيندر پرتاپ جي هڪ روسي ليکڪ
اڻال-ٽيروخن کي ١٩٦٨ ۾ سعد اهائينا اهم آهي.
راجا هنڪي چيو ته ١٩١٦ ۾، انگريزن جي خلاف،
زارشاهي رشيا کان مدد وٺڻ لاءِ هن ۽ سندس ساٿين
برڪت الله ۽ عبيدالله سنڌيءَ، ڪابل ۾ ڪوڙي ڪيل
آزاد ڀارت جي عارضي سرڪار جي سرڪردن ٿي

حيثيت ۾ پنهنجن عيوضين هٿان شهنشاهه زار کي هڪ
پيغام موڪليو، جيڪو پوسٽ ڪارڊ جيتري سائيز
پليٽ تي اُڪريل هو. زارشاهي سرڪار ڇا ڪيو جو
انهن عيوضين کي ٽي ڪري انگريزن جي حوالي ڪيو.
زار کي فيبروري ۱۹۱۷ ۾ لڏڻ کانپوءِ جيڪا ڪيرنسڪيءَ
جي عارضي سرڪار ٺهي، تنهن سان راجا مهيندر
پرتاپ لکپڙهه ڪئي ته هن اُن جواب ڏنس ته: اسانجي
پڻ اهائي نيتي اڳين زارشاهي واريءَ سرڪار جهڙي آهي.
ليڪن جڏن ٻي روشيا ۾ سوشلسٽ انقلاب بعد لينن جي وزير
اعظميءَ هيٺ نئين سرڪار ٺهي، تڏن تي راجا مهيندر
پرتاپ جي چوڻ تي کيس پيٽروگراد ۾ اچڻ جي ليڪ
ڏني، جا هو قبولي پنهنجن ٻين ساٿين سان گڏ روشيا
ويو ۽ لينن سان به گڏجي آيو.

## پارٽي جلاوطنين کي مدد

لينن جي سرڪار ۽ ملڪ، نه فقط پارٽي انقلابين کي
مدد چوڻ تي نيب ڏني، پر ٻين هندستانين کي پڻ
روشيا ۾ اچڻ ڏنو ۽ هر ڪا مدد ڪئي، جن کي انگريزي
حاڪمن، ڀارت مان جلاوطن ڪيو هو ۽ لينن جي سرڪار،
انگريزن جي گهر ڪرڻ تي به هندجي پاڻهن کين نه ڏني.
اهڙا ڪيترائي جلاوطني هندستاني هئا پر جيڪي مکيه
انقلابي هئا ۽ جي لينن سان به گڏيا مسبا هئا، سي هئا
ايم. اين. راءِ، وريندر چٽوپاڌيه (سروجني نائيڊوءَ جو

ڀاءُ)، پروفيسر رنڌ دت (سوامي وويڪانند جو ڀاءُ)، آباني مکرجي، اوگاني، خنڪوجي وغيره. ايم-اين-راءِ ۽ پروفيسر رانڊ ڪجهه وقت ڪانگريس پارٽي موٽي آيا. آباني مکرجي جنهن اتي شادي ڪئي هئي، تنهن ٻڌ هندستان اچي سوشلزم جي اڀياس لاءِ ڪم ڪرڻ چاهيو، ليڪن ظالم انگريزن هنکي پارٽي ۾ موٽڻ جي اجازت ئي نه ڏني. ساڳيءَ طرح چٽوپاڌيا ٻڻ پارٽي موٽي نٿي سگهيو. هن ٻئي انقلابين جون ودوائون ڳالهون اڄ اسي روشنا ۾ ٻهڃن ٻارن سان گڏ رهن ٿيون.

راءِ، چٽوپاڌيا، پروفيسر رانڊ، مکرجيءَ، اوگاني ۽ خنڪوجي الي ج-ي سرگرمين ۾ تمام چست ٻهرو ورتو ۽ هندستان بابت مقالا (ٿيسز) ۽ ڪتاب ٻڻ لکيائون. انهن رچنائن بابت هن ليدن سان ۽ صلاح ڪئي. ليدن پنهنجو قيمتي وقت صرف ڪري هنجي رچنائن کي نظر مان ڪيلدو-هو ۽ پنهنجن نيڪائن ۽ دوستين کان واقف ڪندو هو، اڪثر، جي قبول ۽ ٻوندڙون هئن.

مثال طور چٽوپاڌيا، اوگاني ۽ خنڪوجي ”ڀارت جي وشو انقلاب“ تي ٿيسز لکي، ليدن کي موڪلي ۽ کيس لکيو، ”اسانکي اميد آهي ته توهين اسانکي هندستان بابت ڳالهين ٻڌڻ ڪرڻ لاءِ پنهنجو وقت ۽ وجهه ڏيندا.“ ان ٿيسز جا ”مکيه فقرا واڄيئي طرح جيئن ٽيڪ

غلط هئا“، جنهن چٽوپاڌيا پنهنجين ياد گيرين ۾ لکيو،
”ٻه اهين لينن سان گڏجڻ لاءِ بي صبريءَ سان انتظار
ڪري رهيا هئاسين.“ اسان هنکي جـواب ۾ لکيو،
”سائين چٽوپاڌيا، لوگاني ۽ خيرو جي، مون توهانجي
ٿيسز ڏاڍي چـاهه سان پڙهي آهي. ليڪن هي ٻـئي
ٽئين ٿيسز ڇـو؟ مان جلدي ان بـابت تـوهان سان
ڳالهائيندس.“

ساڳيءَ طـرح ٢٠ آگسٽ ١٩٢١ تـي پوئيندرناٿ
پنهنجي ٿيسز ”ڪميونسٽ انقلاب - هندستانـي مسئلي
جو آخرين حل“ لينن کي موڪلي ۽ کيس لکيو، ”مان
هندستان جي حالت ۽ انقلابي قوتن جي نوعيت بـابت
پنهنجو مضمون موڪليان ٿو... هندستاني انقلابي هلچل
بـابت منهنجي پنهنجي نقطه نگاهه آهي. مان توهان
شڪرگذار رهندس، جيڪڏهن توهين مضمون پڙهـي؛
انهي بحث ڪيل نقطه نگاهه بـابت پنهنجي راءِ ڏيندا.“
لينن جيتوڻيڪ ان وقت بيمار هو، ته به هن پوئيندرناٿ
جي ٿيسز پڙهـي، انکي ڌيـان سان درست ڪيو ۽
هنکي پنهنجي پيش ڪيل ٿيسز جو حوالو ڏنـو ۽ کيس
صلاح ڏنائين ته پارٽي، جيڪو هارين جو ملڪ آهـي،
انجي خاص حالتن ڏانهن ڌيان ڏئي. لينن جو هي حوالو
پوئيندرناٿ پنهنجي ان ڪتاب- ”پارٽي جـي زرعي
اقتصاديات جـي ترقي“ ۽ ”انڊ جهول واچيتي الهاس“

جي مهاڳ ۾ ڏنو آهي. پڊينڊ رنات پنهنجي پهرئين ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو ته مونکي اها ڳالهه خيال ۾ نٿي ڪا آئي ته قومي آزاديءَ جي آندولن لاءِ هاري- هلچل ۾ ڪا اهميت واري آهي. لينن جي صلاح ڪئي، مون ان تي سوچ ويچار ڪيو ۽ هندستان جي آزاديءَ جي جدوجهد جي طور طريقن بابت، منهنجن خيالن ۾ تبديلي آئي. (پڙهو سوويت لئنڊ نمبر ٩، مي ١٩٦٩)

اهڙيءَ طرح اباني مکرجيءَ جي زال روزا فٽي ٿورف پنهنجين يادگيرين ۾ لکيو ته، "اباني مکرجي، لينن سان ڦر ڦر ڪري قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي مسئلن بابت صلاح مصلحت ڪندو رهندو هو. ان باري ۾ لينن جي گڏيل رچنائن جي روسي ڇاپي جي ٥٤ پاڱي ۾، ڪجهه ذڪر ڪيل آهي ته مکرجيءَ انقلاب جي اڳران کي لکيو، 'پيارا ڪامريڊ، مون پارٽيءَ ۾ ٿاري ٿيل موپلا بغاوت بابت هڪ مضمون لکيو آهي، جو توهانکي موڪليان ٿو. مونکي اميد آهي ته توهين مهرباني ڪري اهو مضمون پڙهندا. هن مضمون ۾ مون پارٽيءَ بابت لکيل اڳئين مضمون ۾ ڪيل غلطين نسبت سمجهاڻي ڏني آهي، جيڪو مضمون مون توهانکي ڪيترا ڏينهن اڳي موڪليو هو' لينن "پراودا" اخبار جي ايڊيٽر کي ان مضمون جي پهچ جو احوال به ڏنو هو."

(سوويت لئنڊ، نمبر ٧، سيپٽمبر ١٩٦٩)

لينن، مڪرجيءَ جو اهو مضمون پڙهيو ۽ ان تي هي نوٽ ڏنيو: ”خراب ڪونهي.“ هن ان ۾ وڌيڪ اهو به لکيو ته ”هندستاني ڪامريڊن جي ليکن کي اخبارن ۾ وڌيڪ جڳهه ملڻ کپي، جن هندستان ۾ انهي انقلابي لهر بابت وڌيڪ ۽ وڌيڪ خبرچار گڏ ڪرڻ لاءِ، هنن جي همت افزائي ڪئي.“ لينن جو هي نوٽ اڄ تائين به ماسڪو جي هڪ ميوزيم ۾ رکيل آهي. (سوويت لئنڊ، نمبر ١٥، آگسٽ، ١٩٦٧). هي نوٽ پڻ انهن جي پارٽي-دوستيءَ جي جذبي جي ياد سدائين تازي ڪرائيندو رهندو.

## مسلم مهاجرن جي مرحبا

هي ١٩٢٠-١٩٢١ وارو زمانو هو، جڏهن هندستان ۾ انگريزن خلاف اسهڪار ۽ خلافت جون هلچلون هلي رهيون هيون. انهن ۾ هندو ۽ مسلمان متحد ٿي حصو وٺي رهيا هئا، جنهن حقيقت ڏانهن خود لينن به پارٽي انقلابين ڏانهن موڪليل وائرليس سنيهي ۾ اشارو ڪيو آهي.

خلافت جي تحرڪ ۾ اهڙو وقت ڪيترائي مسلمان انگريزي سامراج خلاف اعتراض ظاهر ڪرڻ لاءِ ۽ کي انکي ڀارت مان نڪرڻ لاءِ، ٻين ملڪن جي مدد وٺڻ ۽ فوجي تياريون ڪرڻ لاءِ، هندستان کان ٻاهر هليا ويا. اهڙن شخصن جو عدد ١٨٠٠٠ کن هو. هو اڪثر ڪري

ٻهراڻ افغانستان ويا. جتان پوءِ ڪيترا ڄڻا رشيا ويا، جتي لينن جي سرڪار طرفان هنن جي آجيان ڪئي وئي.

انهن مسلم مهاجرن ۾ ڪي نه انقلابي به هئا. جهڙوڪ شوڪت عثماني، رفيق احمد، مير عبدالمجيد، فضل الاهي قربان، مولوي عبدالرب وغيره جيڪي لينن سان به گڏيا هئا. هنن مان ٻهراڻ چار شخص اڃا به زنده آهن. عثماني ۽ احمد ڀارت ۾ نه مجيد ۽ قربان پاڪستان ۾ رهندڙ آهن. هي سڀ جڏهن رشيا مان واپس هندستان آيا هئا، تڏهن انگريزي حاڪمن هنن کي پشاور واري منصوبي جي ڪوڙي ڪيس ۾ اڙايو هو.

رفيق احمد پنهنجي روسي ياترا جو ڪافي دلچسپ احوال ڏنو آهي. هو پنهنجي "ياد گيرن" ۾ لکي ٿو، "اسين پاڻ ٢٠ ڀارتي جوان هئاسين، جيڪي ڪابل مان رشيا ڏانهن وياسين. اسان وٽ نڪو ڪو پاسپورٽ ۽ ٻيو دستاويز هو. نه وري پئسو پنجو ۽ پورو ڪپڙو لٽو هو. اسين سچ ۽ انصاف جي ڳولا ۾ نڪتا هئاسين. هندوڪش جبل لتاڙي، آڪسس درياهه پار ڪري سوويت رشيا جي ٻهراڻ شهر ترميز ۾ پهتاسين. ان وقت ٻه روسي آفيسر، ٻاڪا سان دوياشي وٺي اسان وٽ آيا. جڏهن اسان کين حقيقت کان واقف ڪيو، تڏهن هو هليا ويا. ٿوري وقت بعد اسانکي ترجي سندگيت ٻڌ ڪر

۾ آيو ۽ روسي فوج جي هڪ ٽڪڙي ٽوليءَ اسانکي ڪارڊ آف آنر ڏنو. اسان مان ڪن سمجهيو ته اسين گرفتار ڪيا ويا آهيون. پوءِ هن جي هڪ مکيه آفيسر ننڍڙي تقرير ڪندي چيو:-

روسي محنت ڪش جنتا لوٽ کسوٽ جون زنجيرون ٽوڙي چڪا آهن ۽ پنهنجي ديس جا دروازا، دنيا جي سڀني مظلومن لاءِ کولي چڪا آهن. توهين، پارٽي انقلابي، هتي، جيترو وقت ته چاهيو، اوترو وقت رهي سگهو ٿا، توهان کي پڻ اسانجي ساٿين وانگر سڀئي حق حقوق ملندا. سوويت ديس جا مزدور ۽ ڪسان، توهانجي سامراج-ورودي جدوجهد ۾، توهان سان ساٿ آهن. توهين هن ملڪ کي پنهنجو ئي ديس ڪري سمجهيو.

”ان بعد ڪيترن کي وٺي وڃي ملڪت ۾ رهايو ويو ۽ ڪين ڪمرو ڪندي ۽ پوءِ ضـــروري شيون ڏنيون ويون.“

رفيق احمد وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته ان وقت رشيا ۾ انقلاب-دشمن جي سرگرمين ڪري گهرو جنگ هلي رهي هئي. ان وقت رشيا جي وچ ايشيا واريءَ علائقي ۾ سفر ڪرڻ سهوليت ڀريو نه هو. ڪيترن ئي هنڌ، ”باسماچي“ عناصر (جاگيرداري عناصرن جون ٽوليون) ڏاڍا سرگرم هئا. انهن مان ڪي ته وڏن رستن تي

۽ رڪاوٽون ڪيون ويندا هئا. هڪ ڏينهن جي سفر ڪانپوءِ اسان آمو دريا جي طرف کان ڪي آواز ٻڌا ۽ اسانکي حڪم ڪيو ويو ته ڪناري ڏانهن اچو. اسان ڏٺو ته گهوڙي سوار فوجي آفيسر اسان ڏانهن پيا اچن، جيڪي انقلاب-دشمن ترڪمن هئا. اسانجي چڱيءَ طرح تلاشي ورتي وئي، سڀ شيون ضبط ڪيون ويون ۽ اسانکي گرفتار ڪيو ويو. اسانکي خواب خيال ۾ ڪونه هو ته انقلاب-دشمن ترڪمن مسلمان، اسان جهڙن سان، جيڪي انگريزي سلطنتشاهيءَ خلاف لڙي رهيا هئا، ههڙو ورتاءُ ڪندا. اسان مان ڪيترن کي ماريو به ويو. جڏهن اسان کين سمجهايو ته اسين انگريزي سامراج جي ظلم جي ڪري هتي هندستان مان آيا آهيون، تڏهن ترڪمن اڳواڻ ٺهڪ ڏيندي چيو: اوهه! توهانکي انگريز تنگ ڪن، ڇو؟ هو ته ڏاڍا سٺا ماڻهو آهن. هو ته اسانکي مدد ڪري رهيا آهن.“

اهو ياد رهي ته هي انقلاب-دشمن ترڪمن، لينن جي سوشلسٽ حڪومت خلاف جنگ ڪري رهيا هئا، جنکي انگريزي ۽ ٻيا سامراجي مدد ڪري رهيا هئا.

رفيق احمد وڌيڪ لکيو، ”اسين اتي هڪ هفتو قيدي ٿي ويٺا هئاسين ۽ جيڪڏهن ان هند سوويت سرڪار جي لال فوج نه اچي پهچي ها ته اسانجو الاجي ڪهڙو حال ٿئي ها. اسانکي ختم ڪيو وڃي ها. اسين

پوءِ لال فوج سان گڏ ڏينهن ڪاٽيوسين، ڪرڪي لنگر ۾ ڦاٿاسين. اتي هڪ آفيسر اسانکي چيو ته توهين ٻاهران هند ويا، اتي سلامت رهندا. هتي بسماچين حملو ڪيو آهي. ليڪن اسان هنکي چيو ته اسين هتان نه چرنداسين. اسان کي هٿيار ڏيو ته ريگو ٻانکي ٻاهرين، ٻر هن لڳو جي ماڻهن جو به مقابلو ڪريون. ڪــن ٻال ۾ اسان مان ٢٠ هندستاني والنٽيئر ٽنجي لڳو جي ٻرسان مقابلي لاءِ تيار ٿي وياسين. ٿوري اَسي وقت ۾ انقلاب - دشمن کي ماري ماٺ ڪيوسين. ان بعد بخارا شهر ۾ اچي ڦاٿاسين. جتان تاشقند آياسين. اتي اسانکي ٻيا پارٽي انقلابي ساٿي ڪڏيا، جنکي سوويت رشيا واڇبتي پناهه ڏني هئي. اسانکي چيو ويو ته ماسڪو ۾ جيڪا اوڀر جي قومن لاءِ يونيورسٽي کڙي ڪئي آهي اتي وڃو. ان يونيورسٽيءَ ۾ جپان، چين، ايران، پارس، انڊونيشيا وغيره جا شاگرد اچيئي هئا."

اهڙيءَ طرح هندستانين کي هوائي ۽ ٻي فوجي سکيا ڏيڻ لاءِ ٻئي تاشقند ۾ خاص سڪول هو، جو پارٽي انقلابين جي وچ ۾ شخصي متعيدن جي ڪري ٻند ڪيو ويو هو. ان سڪول مان سکيا وٺي، ڪيترا ئي هندستاني، ان وقت رشيا ۾ هلندڙ گهرو جنگ وقت ليمن جي سرڪار جو طرف وٺي لڙيا هئا.

رفيق احمد لکيٿو، "هڪ ڏينهن اسانکي ٻڌايو ويو

۽ لينن سياسي پارٽي شاگردن سان گڏجندو. اهو
ڏاڍي اسين خوشيءَ وچان ڪمن ۾ لڳي ماپياسين. سچو
وقت لينن سان گڏجڻ جي ٿي واڻي واٽ ۾ هئي.
ليڪن بدقسمتيءَ سان مان ٻئي ڏينهن بيمار ٿي پيس
۽ ڪريملن نه وڃي سگهيس. (مان ٻيو لينن کي ١٩٢٤
۾ ڏٺيس.) جڏهن منهنجا دوست لينن سان گڏجي موٽيا،
تڏهن هنن هن بابت گهڻوئي وقت ڳالهايو. مون هنن کان
ٿيو پڇيو: ٻار ۽ هن ڳالهائڪي ڇا چيو؟ هڪ ڇٽي چيو:
لينن اسان کي چيو، 'هتي سکڻ جو هر ڪو وجهه وٺو.
ٻڌ رکو ڪتابن مان ئي. هتي ڏسو ڪ جيتا ڪيئن انقلاب
آڻي رهي آهي. ۽ پوءِ جڏهن توهين پارٽ واپس وڃو
تڏهن توهين اتي انگريزي اپنڪشاهيءَ خلاف جدوجهد
ڪريو.'" (سوويت لٽين، نمبر ٢١، ١٩٦٦)

## پارٽي هلچل جو اپياس ۽ رهنمائي

هي هو پارٽ- دوست لينن، جنهن کي هر وقت
اسانجي ديس جي آزاديءَ جو اونو لڳل هو. اهوئي
سبب هو جو هن ان وقت پنهنجي اپياس لاءِ، پنهنجي
شخصي لئبريريءَ ۾ پارٽ بابت لکيل ٣٥ ڪتاب گهرائي
رکيا. انهن ڪتابن هٿ ڪرڻ ۾ لينن کي هڪ پارٽي
انقلابي عبدالرب جهڙو ساٿيس پڻ ڏاڍا گڏجي چڪو
هو، مدد ڪئي. انهن ڪتابن مان ڪن جا نالا هيٺيان
هئا:-

اختلاف ان سوال تي هو ته هو هندستان ۽ ٻين ايشيائي غلام ملڪن ۾ سامراجي شهنشاهيءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ، هلندڙ بورجوا لوڪشاهي انقلاب جي هلچل ۾ ڪميونسٽن کي ساٿ ڏيڻ گهرجي يا نه.

راءِ جو وچار هو ته ڪميونسٽن کي اهو ساٿ ڏيڻ نه گهرجي، ۽ رڳو هارين مزدورن جي جماعتبنديءَ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي يعني ته ڪميونسٽن کي هندستان ۾ انگريزن خلاف هلندڙ هلچل ۾، ڪانگريس ۽ ٻين بورجوا لوڪشاهي شڪتين کي مدد نه ڪرڻ گهرجي، ۽ پنهنجي الڳ جماعتبنديءَ لاءِ ئي ڪم ڪرڻ گهرجي.

ليڪن لينن ان راءِ جو هو ته هندستان ۽ ٻين ايشيائي ملڪن ۾ سامراجي راڄ کي ختم ڪرڻ لاءِ اهو نهايت ضروري آهي ته ڪميونسٽن کي، بورجوا لوڪشاهي شڪتين سان، متحد مورچو ٺاهي ڪم ڪرڻ گهرجي، جئين روس ۾ زارشاهيءَ خلاف اُدار دل وارن جي آزاديءَ جي هلچل ۾، ڪميونسٽن ساٿ ڏنو هو. لينن جو ساڳيو وقت اهو به چوڻ هو ته ڪميونسٽن کي متحد مورچي ۾ ڪم ڪندي، مزدورن ۽ هارين جي جماعتبنديءَ ۽ شعور کي به زور وڌائيندو رهڻ گهرجي.

١٩٢٠ ۾ دنيا جي ڪميونسٽن جي سنسٿا "ڪومنٽرن" (يعني ڪميونسٽ انٽرنيشنل) ٻيءَ ڪانفرنس ۾ "قومي ۽ ايشيائي سوال" تي فيصلو ڪرڻ وقت،

لينن جي مڙني وچارن جي بنيادي ڪڙي. اهو ڏيکاري
ٿو ته دنيا جي ڪميونسٽن، هندستان ۽ ٻين ننڍڪي
ملڪن پاسي، لينن جي رخ کي صحيح ڪري سمجهيو. اهو
ئي رخ ڀارت جي آزادي جي هلچل جي صحيح
رهنمائي ڪندڙ هو. جيڪڏهن هنن اهو رخ اپنايل هجي
ها ته هندستان کي آزادي گهڻو اڳ ملي ها، ديس جو
دکدائڪ ورهاڱو به نه ٿئي ها ۽ اڄ اسين ڪنهن وڏي
اوج تي هجون ها.

## انقلابي گانڌيجي

لينن ۽ راءِ جي وچارن جي مٽ ڀيڙ مان اهو به پڌرو
آهي ته لينن جو رخ هڪ وگياني، والگر وسيع ۽
عقلپسند هو پر راءِ جو تنگ نظريي وارو، اڪرن ۾ انڪندڙ
رخ هو. اهو ئي سبب آهي جو راءِ جي نظر ۾ مهاتما
گانڌي ”رجعت پسند“ هو ۽ لينن جي وچار ۾
”گانڌيجي عوامي هلچل جو اڳوان، اتساهت
ڪندڙ ۽ انقلابي“ هو، جنهن راءِ پنهنجي ڪتاب
”يادگيريون“ ۾ به ڄاڻايو آهي.

راءِ لکيو، ”اسان ٻنهي جي مٽ ڀيڙ ۾ سڀ کان
مکيه نقطو هو گانڌيجي جي ادا ڪيل رول بابت. لينن
جو وشواس هو ته هو (مهاتما) عوامي اٿڪ جي اڳوان ۽
اتساهت ڪندڙ جي حيثيت ۾، هڪ انقلابي آهي،
ليڪن مان ان راءِ جو هوس ته ڀاراچين ڌرم ۽

سنسڪرتيءَ کي وري جيئاريندڙ (Revivalist) جي حيثيت ۾ هو سماجي طرح رجعت پسند ٿي بيٺو هو..."

راءِ پنهنجي ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ لکي ٿو، "لينن، پارٽي قوميت جي ٽئين نيتا (گانڌيءَ) کي خارجي حالتن ٻڌائيندڙ اهڙو انقلابي ٿي سمجهيو، جهڙو وچ-ولي يگ (Mediaeval) جي يورپ جي ڪرستاني ديول جا وڏا وروڌي (Heretics) هوندا هئا."

راءِ اڳتي هلي لکي ٿو ته لينن هنکي چيو ته تنهنجا، سول نافرماني هلچل جي انقلابي امڪانن ۽ ٽنهن ۾ خاص ڪري گانڌيءَ جي رول بابت ويچار، حد کان وڌيڪ نراشاوادي آهن.

مهاتما گانڌيءَ جي باري ۾، لينن جي راءِ بابت هڪ روسي ليکڪ مسٽر اُٽمپ روف، سوويت لئنڊ، نمبر ١٥، آگسٽ ١٩٦٩ واري پرچي ۾ لکي ٿو، "١٩٢٠ ۾ لينن، ماسڪو ۾ رهندڙ هڪ پارٽي شراڪتيءَ کي چيو ته، هو "مهاتما گانڌيءَ کي هندستان جي آزاديءَ خاطر هلايل، عوامي هلچل جو اُتساهه ڪندڙ ۽ اڳواڻ" ڪري ٿو سمجهي ۽ چاهي ٿو ته هندستاني جنتا، جيترو جلد ٿي سگهي، اوترو جلد آزادي حاصل ڪري."

پر هڪ روسي ليکڪ مسٽر اي-شاستيڪو ٻڌائي ٿو ته، "لينن وٽ ان زماني ۾ ايپاس لاءِ، ڪميونسٽ انٽرنيشنل مرڪز جي ١٧ ڊسمبر ١٩٢١ تي چيل ١٩

اَنَ جي ڪاٻي رڪيل هئي. اهو هڪ ليکڪ هو "هندستان جي هاڻوڪي حالت"، جنهن ۾ گانڌيءَ، جي سول نافرماني هلچل ۾ ڪم آندل اهنسا جي طريقي بابت، قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾، گانڌيءَ جي رول متعلق، سوديشي هلچل لاءِ گهرايل ضرورتن وغيره جي باري ۾ خارجي اوک ٻوک ڪيل هئي. اهو قومي آزاديءَ جي هلچل ۽ الڪي هلائڻ واريءَ طاقت نسبت هيٺين لفظن ۾ ڄاڻايو ويل هو: "زرعي، پرولتاري ۽ قومي هلچلن، سڀني جو ساڳيو ۽ هڪ ئي مقصد آهي، ڪانگريس جي رهنمائيءَ ۾، قومي آزادي حاصل ڪرڻ، جيڪا جماعت ئي اڪيلي، انگريزي راڄ خلاف، هندستانين جي جدوجهد جي سالم طور اڳوان آهي." انهن سمجهڻ صحيح ليکيو ته ليڪن، جيڪر ڪميونسٽ انٽرنيشنل مخزن جو ساوڌان پاڙڪ هو، ته هن ضرور اهو ليکڪ پڙهيو هوندو ۽ ان هنجي من ۾ شڪاتون پيدا ته ڪيون هونديون."

ان سلسلي ۾ هڪ روسي ليکڪ اي- اين- ڪرمارو، هفتيوار "نيوٽ روز" جي ١٢ اپريل ١٩٦٩ واري پرچي ۾ لکيو، "ڪاٻي ڌر وارن اڳواڻن خاص ڪري، ايم- اين- راءِ جهڙن، جيڪي قومي هلچل کي هڪ ٻوجيا هلچل ڪري سڏ پيدا هئا، تن تي اعتراض اڻاريندي ليـدن چيو هو ته هندستان جهڙن ملڪن جي راڄنيتي حالت جي صاف، اهاسڪ ۽ خاص نوعيت کي وچار ۾ رکڻ

انسانذات جي اُٿاهه گهڻائيءَ، جنهن ۾ ڪروڙين هندواسي ٻ اڇي ٿـــا وڃن، ڪي ”پنهنجي آزاديءَ جــــي جنگ ۾ ڪيتري غير رواجي رفتار جي تيزيءَ سان اڳيان آندو ٿو وڃي.“

## ليننَ جي آخرين وصيت

لينن جيتوڻيڪ مٿي ذڪر ڪيل خاڪي وارو پنهنجو ليک لکي نه سگهيو، ته ٻه انهيءَ جهلڪ هـــن پنهنجي هڪ ٻئي ليک ۾ ڏني آهي، جيڪو لينن مئي ۱۹۲۳ع ۾ ”پراودا“ اخبار جي ڏهين سالگرهه جي موقعي لي لکيو هو. انهن لينن دنيا جـــي ٻن ڇانڊوڻين (۱) سرمائيداري-سامراج ۽ (۲) سوشلزم جي وچ هلندڙ جدوجهد جـــو ذڪر ڪيو آهي ۽ پارٽي هلچل جو حوالو ڏنو آهي. لينن لکيو، ”رشيا ۾ ڇپجندڙ هن بالشويڪ اخبار جو ڏهون سالگرهه آهـــي... فقط ڏهه سال ٽپريا آهـــن! ليڪن جيڪڏهن انهن سالن کي اسين پنهنجي جدوجهد ۽ اهڙڪ جي نسبت ۾ ڏسنداسين ته اهي هڪ سؤ سالن جـــي برابر لڳندا. ڇو ته گذريل پنجن سالن ۾ (يعني انقلاب کانپوءِ) ٿي سماجڪ وڪاس جي رفتار واقعي حيرت انگيز ٿي آهي... دنيا جي ترقيءَ جي ان شاهي رفتار جو مکيه سبب اهو آهي جو نون ملڪن ۽ قومن جا ڪروڙين ماڻهو، ان ۾ ڇڪجي آيا آهـــن. جهوني يورپ ۽ سامراجي يورپ، جيڪا پاڻکي سڄي سرشٽيءَ جـــو دن ڪري

سمجهڻ لڳي هر ال هئي، سا ٻهرن مهاڀاري سامراجي
لڙائيءَ جي آهوليءَ ۾ هڪ ڪني ٿيل روڳي قت وانگر
ڦاٿي پيئي... هاڻي دنيا جي گهڻائي سڄاڳ، ٿي
آهي ۽ هڪ اها هلچل شروع ٿي آهي، جيڪا
”طاقتور ۾ طاقتور“ ملڪ ۾ روڪي سگهندا...... اڄ
هندستان ۽ چين ۾ آگ، ڀڙڪي رهي آهي. اهي
ملڪ ٧٠ ڪروڙ ماڻهن جا عيوضي آهن، جيڪي ٻين
پاڙيسري ايشيائي ملڪن، جنهن جي حالت به ساڳي آهي،
ان سان گڏجي سڄي سنسار جي آدم جو اڌ بڻجي ٿا
وڃن. اهي وڏندڙ ڦهري رفتار سان ١٩٠٥ (يعني روس
جي ١٩٠٥ واري ناڪامياب انقلاب وقت) واري زماني
ڏانهن وڌي رهيا آهن، ان هڪ مکيه ۽ اهم تفاوت اهو
آهي جو ١٩٠٥ ۾ رشيا جو انقلاب اڪيلو شروع ٿيو،
جنهن ٻروقت ٻين ملڪن کي پاڻ ڏانهن نه ڇڪيو هو.
پر اڄ جيڪي انقلاب، پارٽ ۽ چين ۾ وڃي واس ٿي
رهيا آهن، سي اڳيئي، انقلابي هلچل ۽ سڄي دنيا جي
انقلاب جو حصو بڻجي ويا آهن... جيتوڻيڪ ارشير زمر،
هڪ الترواشٽوي شڪتي بڻجي چڪي آهي... ته به
اڄسا ڏٺين الترواشٽري اورجيا طاقت وڏيڪ مضبوط
آهي... اهو اسانکي وساري نه ڪهي، اورجيا طاقت اڄا
نه آزاديءَ سان ٻيڙي، عذاب ڏيئي ۽ ماري سگهي ٿي.
ليڪن اها، دنيا جي انهاس جي لحاظ کان، انقلابي

مزدور طبقي جي اُٺ نـر سوپ ڪـي، (جيڪا ٻـري ڳالهي) روڪي نه سگهندي.“ (ڪڏيل رچنائون، ڀاڱو ٣٣)

ليکن ان اٺ نر سوپ جو سڄو دارومدار ٽن ملڪن رشيا، ڀارت ۽ چين جي جنتا تي رکيو. ٽنهي تي لـــ موجب ڪان اڳـــ، لکيل آخرين ليک، جيڪو ليني جـي هڪ وصيت ڪري سمجهيو وڃي ٿـو، ان ۾ صاف صاف چيو، ”... آخرين چيڙاڇاڙ ڪرڻ ڪان ٻوءِ، عالمگير جدوجهد جـو نتيجو، رشيا، هندستان، چين وغيره ملڪن تي ئي ٿو مدار رکي، جن جو آدم، دنيا جـي آدم جو گهڻي ۾ گهڻو حصو آهي. ۽ گذريل ٿورن سالن ۾ انهن ملڪن جـي جنتا تي آهـي، جيڪا انسالداس جـي آزاديءَ جي جدوجهد ۾، انتري لـ. غير رواجي تيزيءَ سان چڪجي آئي آهي، جو ان جو آخرين نتيجو ڪهڙو نڪرندو، ان ٻاسع ذرو به شڪ ڪونهي. ان لحاظ ڪان سوشلزم جي سوپ جي ٻورن پڪي خاطري آهي.“
(ڪڏيل رچنائون، ڀاڱو ٣٣)

ليني جي مٿين وصيت، سندس ليک ”ٻل ٿورا هجن، ٻر هجن بهتر“ ۾ ڏنل آهي، جيڪو هن جو آخرين ليک هو. اهو ليک هوءَ ٻاڻ، آرڏاڻگ جي بيماريءَ جي چوٽ جي ڪري، نه لکي سگهيو هو، ٻر ٻڌهڻي سيڪريٽريءَ کان لکارايو هئائين. ليني جـا ٻچڙيءَ وارا ڏينهن ان نگري. بيماريءَ ۾ گذريا هئا، جنهن ڪري هو ٻڌهڻ

هٿن سان ڪوبہ ڪم ڪري نہ سگھيو. جيتوڻيڪ ڊاڪٽرن جي کيس ڪجھہ بہ پڙھڻ ۽ لکارائڻ جي منع ڪئي هئي تہ بہ هن جان جي پرواھ نہ ڪري بہ اهو آخريــن ليک لکارايو هو.

لينن کي، انساني الهاس ۾ هڪ نئين نموني جــي انقلاب آڻڻ ڪري، رشيا اندر لوڙي ٻاھر، انقلاب جي اليڪ دشمن، جيڪي مشڪلاتن ۽ مصيبتون پيـدا ڪيون هيون، تن کي منهن هڪ طرف ڏيڻائين تہ ٻئي طرف رشيا ۾ سوشلزم جي هڪ نئين حڪومت، هڪ نئين سماج ۽ نئين سڀيتا جي پيڙھہ رکيائين. ان لاءِ هن کي ڪيڏو نہ الاھہ پورھيو ڪرڻو پيو هوندو ۽ ڪيترو نہ الاھي وقت ڏيڻو پوندو هوندو! اهڙين حالتن ۾ پنھنجو قيمتي وقت ڏيئي، پڇاڙيءَ تائين اصل موت سان جنگ جوٽيندي بہ، هر وقت هندستان کي ياد ڪرڻ، ان جي حق ۾ آواز بلند ڪرڻ ۽ انجي ڀلائيءَ بابت سوچڻ، لينن جي، ڀارت-دوستيءَ جو يگانو ڪارنامو آهي. هن جديد هندستان ۽ رشيا ۾ دوستيءَ جو جيڪو ساو پوکيو، سو اڄ وڌي سرسبز وڻ ٿيو آهي. ڀارت کي لينن جھڙي سچي ۽ سوجھيہ ساٿيءَ لاءِ سدائين فخر رهندو.

# ڀارت - لينن جو دوست

جهڙيءَ طرح لينن، اسانجي ديس سان دوستيءَ جو ناتو نڀايو، تهڙيءَ طرح اسانجي ديس ڀي، لينن جي دوستيءَ جو ناتو بخوبي نڀايو آهي. انگريزن جي غلاميءَ واري زماني ۾، سامراجين پاران هندستان ۾ لينن، روسي انقلاب ۽ بولشيوزم بابت ساهت گهرائڻ تي بندش هئي، انگريزي هتان بابت پوري خبرچار به ملي نه سگهندي هئي. نه رڳو ايترو پر لينن، روسي انقلاب ۽ بولشيوزم جي حق ۾ بلند ٿيل جهيڻو آواز به سرڪار جي اک ۾ ڪنڊو ٿي پوندو. اهڙن سخت مشڪلاتن جي پرواهه نه ڪري، اسانجي اڳواڻن، اديبن ۽ اخبارن، روسي انقلاب جي آجيان ڪئي ۽ لينن جي حمايت ۾ پنهنجو آواز بلند ڪيو، جنهن جو پڙاڏو ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين، يعني ڪراچيءَ کان ڪلڪتي تائين، ڪشمير کان ڪيپ ڪامورن تائين، گونجي اٿيو.

## لوڪمانيه تلڪ جي حمايت

ڀرپور نيتا جنهن اهو آواز بلند ڪيو، سو هو اسانجو چوٽيءَ جو اڳوان لوڪمانيه تلڪ. هن پنهنجي

مشهور اخبار ”ڪيسري“ ۾ ٢٠ جنوري ١٩١٨ تي ”روسي رهبر لينن“ نالي ليک ۾ لکيو، ”اسين لينن جي زندگي بابت ڪجهه حقيقتون شايع ٿا ڪريون، جو اهو حرڪتن بابت ڪيو ليو ويو آهي ته لوڪ پيارو روسي رهنما جرمن يهودي جو پٽ آهي ۽ هن کي جرمن سرڪار پاران رشوت ڏني وئي آهي. لينن تي اهو الزام هنيو ويو ته روسي جنتا ۾ ناراضپو ڦهلائي رهيو آهي، جيڪا جنتا اتحادي طاقتن سان وفادار چئي وڃي ٿي... لينن ڀلي هوندي ڪان ٿي هاري مزدورن جو مٿڙ ٿي رهيو آهي. لينن اُن جو علمبردار آهي... هن جو ڪير به سڪيءَ سان اهو اختلاف هو جو هن روسي سرڪار جو ڳاٽو، مٿين طبقي جي مدد سان ٽي هلائڻ چاهيو. لينن هن سان اهڙا ناتا رکڻ لاءِ تيار ڪونهي. هن جي وچار ۾ لڙائي ڪندڙ ملڪن جا ٻئي اهي مٿيان طبقا آهن، جيڪي صفا سرمائي ۽ ٻڍڙا آهن، هو سڀئي ملڪن جي جنتا جي فائدن جي خلاف آهن ۽ هي اهي ئي طبقا آهن، جن جنگ شروع ڪئي. هو ٻار هيس عوام تي ايماندار ۽ امن پسند آهي.“

تاڪ جيڪر ١٩١٨ ۾ ازوپ ۾ ٻاوڻ لاءِ هوم رول جو ڦهلاءُ ڪرڻ ويو هو، سو اتي ڪاڻي ڏر وارن سان لهه وچڙ ۾ آيو ۽ جڏهن ٿي ١٩١٩ ۾ هندستان موٽيو ته ڪيس بمبئيءَ جي مزدورن پاران مانپتر ڏنو ويو. هن

انهي جواب ۾ چيو ته، ”توهان جي وات ڏاڍي ڏنگي ۽ ڏکي آهي. توهانکي تڪليفن ۽ مشڪلاتن سهڻيون پونديون. ليڪن توهانجي ايڪتا واري طاقت، شاهي آهي... اولهه جي ملڪن ۾ مزدور جيڪي اٿيل آهن ۽ پيداوار جي ذريعن جا مالڪ ٿيڻ ٿا چاهين.“

ساڳيءَ طرح مدراس ۾ ۲۳ ڊسمبر ۱۹۱۹ تي اهڙي هڪ ميڙ ۾ تلڪ چيو، ”مزدورن جي جماعتن جي اختياري، وڌندڙ وقت سان وڌندي رهندي ۽ آخر اهي مزدور ئي آهن، جي حاڪم ٿيندا آهن.“

ان زماني ۾ بمبئيءَ ۾ ڪپڙي جي مزدورن جون جيڪي شاهي هڙتالون ٿيون ان جي حمايت ۾ تلڪ جي ڪيسري اخبار ۲۱ جنوري ۱۹۲۰ تي لکيو، ”هڙتال جو ڪارڻ اهو آهي جو مزدورن ۾ نئين حالتن جي ڪري سجاڳي آئي آهي. ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته هتي ۾ اها سجاڳي، مهاڀاري لڙائي، رشيا ۽ جرمنيءَ جي انقلابن ڪري آئي آهي.“

۲۰ جولاءِ ۱۹۲۰ تي تلڪ جي اخبار ”ڪيسري“ سمپادڪي ويچار ۾ لکيو ته روسي بالشويڪ سوويٽ ٻاهي سرڪار جي ٽن ورهيڪيائن مان پار پيا آهن. هتي ملڪ ۾ هڪ نئين انتظام واري اقتصاديت قائم ڪئي آهي، ٻيو ته ڪاروبار کي وري منظم ڪيو اٿن ۽ ٽيون ته هڪ طاقتور فوج کڙي ڪئي اٿن. ان ساڳئي ليک ۾ سوويت سرڪار

جي پارٽيءَ اهي نيتيون لينن جي روشنيءَ وٽ ل آهي، ته اهـا
هيٺين اصولن تي ٻڌل آهي:-

"ڌاريءَ ملڪ جي اراضي نه کسڻ يـا ٻين ملڪن
تي پنهنجا آرٿڪ اصول زور زبردستيءَ سان نه مڙهڻ؛
هرڪنهن ملڪ ۾ سماجڪ ۽ راجنيتڪ سنستائون، پنهنجن
اتهاسڪ روايتن ۽ آرٿڪ حالتن مطابق ٿي پيدا ٿينديون؛
سڀني قومن لاءِ خود-ارادي جو حق.

هنن حوالن مان صاف ظاهر آهي ته تلڪ ڪيتري نـه
لينن ۽ روسي انقلاب جي حمايت ڪئي ۽ خـود
ان متاثر ٿيو هو. مٿين سوڀ ڪي ويچار جي ڇپجڻ کان
١٢ ڏينهن بعد لوڪمانيه تلڪ گذاري ويـو. ۽ اسان لاءِ
لينن-دوستيءَ جو پيغام ڇڏي ويو.

## لالا لجپتراءِ جو آواز

ان زمـاني ۾، تلڪ کانسواءِ جنهن ٻئي پارٽي نيتا
لينن، روسي انقلاب ۽ بولشيوزم جي حق ۾ زبردست
آواز اٿاريو، سو هو لالا لجپتراءِ. هن، ١٨ جولاءِ ١٩٢٠
واري "وندي ماترم" اخبار جي پرچي ۾ "بولشيوزم"
جـي سري هيٺ لکيل ليک ۾، سامراجين ۽ انهن جي
پرڏيـهي اخبارن، جهڙوڪ "پائونيئر" ۽ "سول ملٽري
گزيٽ" جهڙن بولشيوڪن بابت پانس پانس جا ٻهتان
ٻڌي وهيون هيون، انهنجا خوب چرڻا لاٿا.

لالا لجپتراءِ ان ليک ۾ لکيو آهـي ته لينن، جـو

سامراجي ملڪن جا زارشاهيءَ سان ڪيل ڳجها ٺاهه
پڌرا ڪيا آهن ۽ ٻڌايو ويو آهي ته سامراجين جون
ڪهڙيون نه ملين مرادون هيون ۽ ڪيئن نه پنهنجو هٿ
ٻين ملڪن کي هڙپ ڪرڻ جا اندران ئي اندران
منصوبا سٽي ويا هئا. لالاجي، وڌيڪ لکيو ته
اتحادي ملڪن (انگلنڊ، فرانس وغيره) ۽ آمريڪا
گڏجي بالشويڪن جي طاقت جو گلو گهٽڻ جي ڪوشش
ڪئي، پر بالشويڪ ٽر تان نه هٽيا ۽ وڌي اڳتي
نڪري ويا. مان پاڻ پاکنڊي ۽ ڏوهه ديس، بالشويڪن
تي طرح طرح جون تهمتون لڳائين ٿا، جيڪي ڪڙهي
ڍنگ رهجي ٿو وڃي ته ڇا هنجي ڍونگ ۽ ڪوڙ
جو ڪو انت ئي ڪونهي؟

جڏهن ۱۹۲۰ ۾ آل انڊيا ٽريڊ يونين جو بنياد پيو،
تڏهن انهي يونين جي شروعاتي اجلاس جي صدارت
به لالا لجپتراءِ ڪئي هئي. اهو اجلاس ۳۱ آڪٽوبر کان
۲ نومبر ۱۹۲۰ تائين هليو. لالاجيءَ پنهنجي صدارتي
تقرير ۾ چيو، "سلطنتشاهي ۽ فوجي شاهي، سرمايدارن
جا ڄاڙا ٻار آهن. اهي ٽيئي هڪٻئي ۾ ڳنڍيل آهن.
ڏکو وڇوڙائيءَ ۾ زهر-مار دوا ڳولي ورتي آهي، جا
آهي منظم ٿيل مزدور... اڄ اسين هتي جنهن هلچل جو
مهورت ڪري رهيا آهيون، سو انٽرراشٽري اهميت وارو
آهي. هندستان جا مزدور پاڻ هٿ هٿ ۾ ڏيئي ۽

دماغ لڙائي جو گڏجي رٿيا آهن، سو نه رڳو ان هيٺين
جي مفادن لاءِ، پر انتر راشٽري ابراديءَ جو انگ ٺاهڻ
لاءِ... پورهيت مزدور، سڄي قدم ڪٽڻ وارو ايو هٿيار
ڳولي لڌو آهي. ان جي نه مٽڻ واري روسي مزدور
آهي، جيڪو وري پرولتاري ڊڪٽيٽري قائم ڪرڻ ٿو
چاهي... منهنجو پنهنجو يورپ ۽ آمريڪا جو شخصي
آزمودو اهو آهي ته سوشلسٽ ته ڇا پر بولشيوڪ
سچائي، سرمائيداري ۽ سامراجي سچائيءَ کان ڪنهن
به وقت وڌيڪ بهتر آهي، وڌيڪ وشواس جوڳي
آهي، وڌيڪ انسانيت واري آهي...“

ان ٽريڊ يونين ڪانگريس جي ١٩٢٢ واري ساليانى
اجلاس ۾ هندستاني مزدورن کي اپيل ڪئي وئي ته
هو روسي جنتا کي ڏڪار وقت مدد ڪرڻ لاءِ ڪٺي
ڪيل فنڊ ۾ چندو ڏين.

## گانڌيءَ جا ويچار

مهاتما گانڌيءَ جي هنسا-اهنسا بابت پنهنجا پڪا
ويچار هئا. انڪري گانڌيءَ جو روسي انقلاب ۾ ڪيل
هنسا بابت اختلاف هو. تنهن هوندي به هن ان زماني ۾
ٿي، انگريزي سامراجين پاران بولشيوزم جي پوت ڀڄڻ
واري هاءِ گهوڙا ڪرڻ جي مخالفت ڪئي هئي.

١٩١٩ ۾ ٽئين افغان جنگ وقت انگريزن اهو پرچار
ڪيو ته بولشيوڪ افغان ۽ هندستان تي ڪاهڻ وارا آهن،

ان وقت جي وائسراءِ چيمسفورڊ ڪانگريس جي اڳواڻن کي سڏ ڏئي اپيل ڪئي، ته هو پنهنجي هلچل معطل ڪن ۽ "بولشويڪن جي خطري" کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ڪن. مگر مهاتما گانڌيءَ انگريزن کي سندن اپيل لاءِ ڇڙڪ جواب ڏنو ته "مون ڪڏهن به بولشيوزم جي خطري ۾ وشواس نه ڪيو آهي ۽ هندستاني سرڪار بولشيوڪ بلا ڪهڙي خطري جو ڇو ڊپ ڪري؟" هن انڪري عام هلچل معطل نه ڪئي.

ان کان ۸، ۱۰ سال پوءِ جڏهن جواهرلعل نهرو ۱۹۲۷ ۾ روشيا مان ٿي آيو، انهن روشيا بابت ڪي ليک لکيا، جيڪي مهاتما پنهنجي اخبار ينگ انڊيا ۾ ڇپيا هئا. ساڳئي وقت مهاتما لينن ۽ بولشيوڪ انقلاب بابت ڪي ويچار ظاهر ڪيا هئا. گانڌيءَ لکيو هو، "مون کي جيئن سڌ آهي ته بولشيوزم جو مقصد آهي ذاتي ملڪيت جي سسٽم کي ختم ڪرڻ. هيءَ آرٿڪ ڪيتر ۾، اهنسا کي ترڪ ڪرڻ واري اخلاقي آدرش جي پيروي ڪرڻ آهي. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجو پاڻمرادو اهو آدرش اپنائين يا کين صلح پسند طريقن سان مڃائجي ته ان جهڙو ڪو بهتر ڪم ڪونهي...... منهنجو اهو پڪو يقين آهي ته هنسا تي ڪا به جٽادار چيز ڪڙي ڪري نه سگهجي. ٻيو ڇا به هجي ان ۾ ڪو ذرو به شڪ ڪونهي ته بولشيوڪ آدرش، جنهنجي پٺيان اهڙا زالن مردن

جي ٻولي ۾ ٻولي آهوتي ڏنل آهي جن اُن لاءِ پنهنجو سرونس ڏي لٽائي ڇڏيو ۽ اهو آدرش پيش ڪيو ليمن جهڙين اعليٰ هستين جي قربانين سان پاڪ ٿيل آهي، سو اجايو نه ويندو: هنن جي تياڳ جو شاندار مثال سدائين چمڪندو رهندو ۽ وقت جي گذرڻ سان اُهو وڌيڪ پرٽرتائي ۽ ليزي ايندي". (ينگ انڊيا ١٥-١١-١٩٢٨)

اُن ساڳئي لهجي ۾ ديش ٻنڌو چترنجن داس روزاني "فارورڊ" اخبار ۾ ٢٦ جنوري ١٩٢٤ تي لکيو هو: "ليمن، هستي ڪشن جي دلين ۾ امرتا حاصل ڪري چڪو آهي. جئن جئن هندي جيت وڌندي ويندي، تئن تئن ليمن جو نالو پڻ چمڪندو ويندو..."

## موتيلعل، مونجي ۽ مولانا محمد علي

هڪ طرف دنيا ۾ ليمن، روسي انقلاب ۽ بولشيوزم جو اثر وڌندو ٿي ويو ته ٻئي طرف انگريزي حاڪم، هندستان ۾ اُن اثر کي هٽائڻ لاءِ واهڻ تي تهن جو زور لڳائي رهيا هئا. هو بولشيوزم جو پوت اسانجي آزاديءَ جي آندولن کي ڪچلڻ لاءِ خاص ڪري مزدور اڳواڻن خلاف ڪوڙا ڪيس (لاهور سازش، ڪانپور سازش ۽ ميرٺ سازش وارا) ڪري رهيا هئا، جنهجي جنتا طرفان مخالفت ٿي رهي هئي.

١٩٢٨ ۾ انگريزن، سينٽرل اسيمبليءَ ۾ هڪ اهڙي

قانون لاءِ "پبلڪ سيفٽي بل" پيش ڪيو، پنڊت موتيلال نهروءَ، سامراجين جي مقصدن مرادن کي پائمال ڪرڻ لاءِ اسيمبليءَ ۾ اُنجي صاف لفظن ۾ اوگهڙ ڪندي چيو، "هوم ميمبر جي تقرير ۾ وڏو ڪميونزم جا ڀس ڏيکاءُ جون ڳالهيون پڌايل آهن، جيڪي شايد ٻچن ڳالهين ۽ ٻارن کي ڏيکاڻ ڇڏيون. ليڪن مونکي ڏک سان چوڻو ٿو پوي ته اُنهن جو ڪوبه اثر، اسان جهڙن گرم دماغ وارن ماڻهن تي نه ٿيو." اسيمبليءَ ۾ سڀني ميمبرن به چيو ته "ڪميونزم ڇا آهي جو اُن کان ڀڄون؟" هندو سڀائي اڳوان ڊاڪٽر مونجهي ته اِستائين چئي ويو هو ڇا ڀائين ته هو پاڻ ڪميونسٽ آهي. (پڙهو ليڊر الهج، نومبر ١٩٥٩)

مولانا محمد علي نه اصل انگريزن کان آزادي وٺڻ لاءِ روشيا کان مدد وٺڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو. اُن باري ۾ مشهور انقلابي شوڪت عثماني لکيو، "مولانا محمد علي کي سوشلسٽ ڪوٺيو هو، ڪميونزم کان نه ڊڄندڙ هو. هو پڪو مسلمان هو ۽ صحيح قوم پرست هو، جيڪو هندستان جي آزاديءَ لاءِ ڪنهن به ڌاريءَ سرڪار کان مدد وٺڻ لاءِ تيار هو... مارچ ١٩٢٨ ۾ دهليءَ ۾ دريا گنج ۾، جڏهن مولانا محمد عليءَ کي گڏيو هوس، تڏهن هن مونکي سوويت روشيا کان مدد وٺڻ لاءِ عرض ڪيو. مهنجو ڪتاب "پشاور کان

اِسٽالن سان ٻوجهي مدد وٺڻ واسطي ڳنڍيو، ٻيو ان مان ڪو ڪُٽيل ٿي، تڪرار ٿي ڪونه هو" (پڙهو "آءِ ميٽ اسٽالن ٽوائيز")

انگريزي سامراجين، ليـنن جي شخصيت خلاف زبردست ڪوڙ ڪئي، من گهڙت افواهه ڦهلائي، اسانجي اڳوانن کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ليڪن اسانجا اڳوان اُن پرچار تي ڀلجي نه ويا. جڏهن ديش ڀڳت چترنجن داس پنهنجي اخبار "فارورڊ" ۾ لکيو، "لينن خلاف ڪيل ڪنهن ناڪابندي جي ڪري ٻاهرين دنيا کي هن انسان بابت پورو پتو ڪونه ٿو پوي. پرچار ۾، هن جي نهايت نفرت ڀريل تصوير پيش ڪئي وئي. ليڪن ١٨ ڪروڙ روسي جنتا هن جي شاهد آهي، ته هو هڪ تاريخي هستي آهي..."

## سرحد جو گانڌي ۽ سڀاش چندر بوس

لينن سچ پچ هڪ تاريخي هستي هو، ۽ هن اهڙين شخصيتن کان نرالو هو، ان نراليت ڏانهن سرحد جي گانڌي غفار خان انهيءَ هميشه اشارو ڪيو آهي. هو چوندو هو، "اتهاس پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته طاقت هٿ ڪرڻ ڪانپوءِ گهڻا وڏا ماڻهو پنهنجو ميزان وڃائي ويٺا هئا. نيپولين آخر ۾ بادشاهي اختيار ڪئي هئي ۽ انکي پنهنجي ڪٽنب لاءِ قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. رضا شاهه ۽ نادرشاهه به وقت اچڻ تي ان نشي ۾ چُور

ٿي ويا هئا. هو چاهين ٿا ته سولائيءَ سان نسوارت
ڏيکاري پيغمبر ۽ خلقن جي پيروي ڪري سگهن ٿا.
ليڪن هنن جي بدران اهو آدرش ليمن ٿي پيش ڪيو
ته جڏهن هنجي لاءِ سيکڻ پٽڻ تمام آسان هو،
تڏهن به هو ان کان پري رهيو."

ليمن نه فقط طاقت جي ڏاجهه کان پري رهيو، پر اها
طاقت جنتا جي حوالي ڪرڻ لاءِ اڳتي ۽ اٽل ارادي،
اصول ۽ عمل سان اڳتي. ان سلسلي ۾ سباش چندر بوس
هڪ لٽريچر ۾ چيو، "جڏهن ١٩١٧ ۾ آڪٽوبر انقلاب
آيو، تڏهن ڪنهن کي به سامهون صاف تصور نه
هو ته انکي ڪهڙي طرف وٺي هلجي. گهڻا بولشيوڪ ته
ان ويچار جا هئا ته بين پارٽين سان ڪوئليشن ٺاهجي.
اهو ليمن ئي هو، جنهن ڪوئليشن جي مخالفت ڪري
اهو نعرو بلند ڪيو ته "سموري طاقت سوويٽن
(پنچائتن) کي سونپڻ کپي." ڪير چاهي ٿو ته ان ڳالهه ۾
شڪ گمان واري زمانہ ۾ جيڪڏهن ليمن وقتائتي
رهنمائي نه ڪري ها ته روشيا جو اتهاس ڪهڙو موڙ اختيار
ڪري ها."

سباش چندر بوس ان ساڳيءَ لٽريچر ۾ ١٩٢٢ واري
اٽليءَ جي راجنيتي حالت ڏانهن اشارو ڪندي چيو،
"١٩٢٢ ۾ اٽلي، سيڪڏهن لحاظ کان سوشلزم لاءِ اچي
وڃي راس لڳي هئي. پاڻي وڳو ليمن جهڙي اڳوان جي

ضرورت هئي.“ (”لنڪ“، ١٩ اپريل ١٩٧٠)

## لينن-دوست جواهرلعل

اسانجي سيني قومي اڳواڻن (جيڪي پاڻ ڪميونسٽ به ڪونه هئا) مان هڪ جواهرلعل نهرو ئي هو، جنهن لينن لاءِ گهڻي ۾ گهڻي اونهي عقيدتمنديءَ جو اظهار ڪيو آهي، هن جي خيال ۽ عمل جي اهميت ڪئي مڃيو آهي ۽ روسي انقلاب جو اثر جهٽيو آهي ۽ اهو خود به ڦهلايو آهي. ۽ ائين نهروءَ اعليٰ لينن-دوستيءَ جو ناتو نڀايو آهي.

نومبر ١٩٢٧ ۾ روسي سرڪار پاران جواهرلعل ۽ موتيلعل نهروءَ کي روسي انقلاب جي ڏهين سالگره جي موقعي تي رشيا ڏسڻ لاءِ نيمنڊ ملي هئي. هي ٻئي اوڏانهن ويا. جواهر لال موٽي اچي سوويت رشيا بابت جدا جدا اخبارن ۾ ليک لکيا، جيڪي پوءِ وري گڏ ڪري ١٩٢٨ ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپرائيا.

پنهنجي نهروءَ ان ڪتاب ”سوويت رشيا“ ۾ لينن بابت هڪ خاص باب به لکيو آهي، جنهن ۾ هن لينن خلاف ڦهليل ٻهتانن کي رد ڪري ڏنو آهي ۽ اعليٰ شخصيت تي شردا جا ڦول چاڙهيا آهن ته هن جي ڪارنامن ۽ خيالن کي هندستان جي حالتن ۽ اڳواڻن جي عمل سان ڀيٽي اوڪ ٽوڪ به ڪئي آهي.

جواهرلعل لکيو، ”لينن پبلڪ ۾ تقرير ۽ تحرير اي

گهٽ ڌيان ڏنو، ان جي اڌارن هن عام جنتا جي جاچ پڙتال ڪرڻ ۽ انکي چڱيءَ طرح سمجهڻ جو ئي اُديش پنهنجي سامهون رکيو... هن جي لاءِ رچيو ڪارنامو (ايڪشن) ئي هو، جنهنکي ڪا اهميت هئي. هن جي وڇار ۾ 'انقلاب فقط ڪاغذن تاءِ محدود نه ليکڻا آهن، انهن لــي ضرور عمل ڪرڻ کپي ۽ سوويت رشيا جي هستيءَ لاءِ وڌيڪ اهم چيز اها آهي ته ڏهه ٺلها ٺهراءَ پاس ڪرڻ کان پوءِ ته ڪنهن رواجي ۾ روپ تي عمل ڪجي'... ليمن جي اهڙن وڇارن جو ڪلاسڪ مثال هي ڏنو ويندو آهي ته جڏهن ١٩٢١ جــي ڏکين حالتن ۾، ماسڪو، دشمن جي خطري ۾ هو ۽ ڪيترن ماڻهن انهن ئي سمجهيو ته سوويت حڪومت اجها ڊني ڪي ڊني، تڏهن به ليمن شانت چهري سان ڳوٺن ۾ بجلي پهچائڻ جي رٿ کي عملي جامو پهرائڻ بابت سوچيندو رهيو ۽ ڪسن اڀراضين ۾ تــه يڪدم بجلي پهچائڻ لاءِ آرڊيننس پڻ ڪيائين.

”...ليمن کي ان ڳالهه جو به احساس هو، جيڪا ڳالهه اسين اجها هندستان ۾ ڪجهه، ڪجهه، محسوس ڪري رهيا آهيون ته سيڪرات (اميچورس) ڪم ڪندڙ، جن وٽ ڪم لاءِ تمام ٿورو وقت آهي، سي انهن خاص تربيت وارن، سڄو ڏينهن ڪم ڪندڙ (هول ٽائيمرس) ماڻهن سان مقابل پڄي سگهندا، جيڪي هاڻوڪــي

انگريز سرڪار جي ڀلاءِ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن...

"اسان مان گھڻن کي، پنهنجي آدرش ۽ ويچارڌارائن کي، حقيقت جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ، مشڪل آهي. اسان ورهين ڪالوني سوراج بابت ڳالهايو ۽ لکيو آهي، پر جڏهن سوراج ايندو تڏهن شايد اسين عجب ۾ پئجي وڃون. اسان ڪانگريس ۾ آزاديءَ بابت ٺهراءَ پاس ڪيا آهن، پر ڇا اسان مان گھڻن کي انهي مطلب جي خبر آهي؟ گھٽا آهن، جيڪي پنهنجي قول ۽ عمل سان انهي پوري ڪن ٿا؟...

"رشيا ۾ جهوني ٽهيءَ وارا انقلابي هئا، جيڪي وڳو مت متاثرن جي دنيا ۾ رهندا هئا، پر پنهنجن مقصدن جي ڪاميابيءَ ۾ گھٽ ڪو وشواس هون. ليڪن لينن حقيقت پسنديءَ ۽ استقامت سان ميدان ۾ آيو ۽ پراڻي زماني وارن انقلابين جي خيالن ۽ قدامت پسند سوشلزم کي ڌڪي ڇڏيائين... هن پنهنجي حيرت انگيز اِڇا شڪتيءَ سان سڄي قوم تي جادو جهڙو اثر ڪيو ۽ هڪ غير منظم ۽ اڻ همت قوم ۾ روح ڦوڪيائين ۽ ڪار لاءِ تڪليفون سهڻ ۽ مصيبتن کي منهن ڏيڻ جو ارادو ۽ طاقت بخشيائين.

"هن اعليٰ ڪاميابيءَ (انقلاب جي) ۾ جن جو اسر حصو هو، پر لينن سڀني کان اوچ هو، هيءَ ڪرامت ڪيئي طرح هنجوري ڪارنامو هئي. ۽ اسين پڻ روسين

رولانڊ والڪر چئون ٿا تہ ليمن ”اسانجي صديءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪرم يوگي هو، ساڳئي وقت هو سڀ کان وڌيڪ لسواري هو.“

جنهن جنهن وقت گذرندو ويو تئين تئين پنڊت نهروءَ جي، ليمن لاءِ عقيدتمندي وڌندي وئي ۽ هُن سوشلسٽ خيالن جو وڌيڪ ۽ وڌيڪ اثر ٿيندو ويو ۽ موٽ ۾ وري نهروءَ جي انهن ويچارن جو اثر ڪانگريس تي بہ ٿيندو ويو. ۽ اهو نهرو ئي ڪانگريسي اڳواڻ نهرو هو جنهن ۱۹۲۹ ۾ ڪانگريس جي پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾ پنهنجي تقرير ۾ چيو، ”مان سوشلسٽ آهيان... ۽ اڄ دنيا جي سماجڪ پاليسي ۾ سوشلسٽ فيلسوفي آهستي آهستي سمائجي رهي آهي. پارٽي کي ان راهہ تي هلڻو آهي...“ ۽ اهو سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ شڪتين جوئي اثر هو، جنهن جي ڪري ڪانگريس ۱۹۲۹ ۾ پورن آزاديءَ جو آدرش پاس ڪيو.

۱۹۳۸ ۾ جواهرلعل، ليمن جي جمرڻ تي ڏنل سنيهي ۾ چيو، ”اڄ ڪير آهي جنهن کي سڌ نہ آهي تہ ليمن ڪير ٿيندو آهي؟ ۽ ڪير آهي جو هنجي نالي ڳڻڻ تي پنهنجو سر نٿو جهڪائي. خود هندجي دشمن بہ هنجي عظمت کي مڃيو آهي. ۽ ڪروڙين غريبن لاءِ تہ هو سندن راهہ روشن ڪندڙ تارو آهي. هن ڪروڙين انسانن جي دلين ۾ پنهنجي لاءِ جاءِ جوڙي آهي ۽

اُجهامندڙ ڏيئي ۾ لينن زندگيءَ جو روح ڦوڪيو آهي.
لينن، جيڪو رهنما ۾ هو، ۽ آهي سڄي سنسار جو. اسين
پڻ هن جي ئي روشنيءَ ۾ پنهنجي واٽ ڳوليون ٿا.“

پنهنجي ٻهاڙيءَ واري لکيل ڪتاب (١٩٤٦ ۾)
”ڊسڪوري آف انڊيا“ ۾ نهروءَ لکيو آهي، ”مارڪس
۽ لينن جي اڀياس، منهنجي من تي زوردار اثر ڪيو ۽
مونکي اِحساس ۽ چالو زماني جي مسئلن کي انهن
روشنيءَ ۾ ڳولڻ ۾ مدد ڪئي... سوويت يونين جون
عملي حاصلاتون ناقابل بيان اثر ڪندڙ هيون. مون
کي ذرو به شڪ نه هو ته سوويت انقلاب، انساني
سماج جي وڪاس ۾ هڪ وڏو ٽپو ڏنو هو ۽ هڪ اهڙو
چمڪاٽ ڪندڙ شعلو پيدا ڪيو هو، جيڪو جهڪو ٿي
نٿي سگهيو ۽ ان هڪ اهڙيءَ نئين سڀيتا جو بنياد وڌو،
جنهن ڏانهن دنيا وڌي سگهي ٿي.“

پنڊت نهروءَ پنهنجي ان ڪتاب جو ٻهاڙيءَ ۾ ٻيو،
ٿي پاتو آهي، لينن جي چوٽيءَ سان، اهو ڏيکاري ٿو
ته هنکي لينن لاءِ ڪيڏو نه قرب هو. البت اِئين آهي
ته اِها چوٽي سچ پچ لينن جي ڪانهي، پر هڪ ٻئي
مشهور سوويت ليکڪ اوستروسڪيءَ جي آهي.

## پارٽي انقلابين تي اثر

نه فقط پارٽيءَ جا قومي اڳوان، پر پارٽيءَ جا انقلابي به
لينن ۽ انجي رهبريءَ ۾ آيل روسي انقلاب کان ڪافي

متاثر ٿيا هئا ۽ ڪي ته سڌا سنئون ڪميونسٽ ٿي
ويا. انهن مان ڪي اڄ به زنده آهن.

ٻئين مهاڀاري لڙائيءَ کان وٺي، خاص ڪري ١٩٣٦ جي وقت ڌاري، ڀارت ۾ انقلابين جون ڪيتريون ئي ٽوليون هيون جن دهشت پسند ڪاروائين وسيلي هندستان کي آزاد ڪرائڻ ٿي چاهيو. پر لينن ۽ روسي انقلاب هنن جي دهشت پسنديءَ وارن ويچارن ۽ ليکن ۾ وڏو ڦيرو آندو. جن پارٽي انقلابين جي اوائلي جماعت غدر پارٽيءَ جي اڳين پريزيڊنٽ بابا سوهن سنگهه ڀڪنا (جو ٿورو وقت ٿيو ته ٩٩ سالن جي عمر ۾ گذاري ويو) لکيو، "جڏهن ٽئون پڳ آهيدڙ روسي انقلاب ٿيو، تڏهن اسين امريڪا ۽ ٻين ملڪن ۾ رهندڙ ڀارتي انقلابين تي اثر ٿيو. غدر پارٽيءَ ڀڪنا سنتوک سنگهه ۽ ڀائي رتن سنگهه کي روسيا ڏانهن حالتون جاچڻ لاءِ موڪليو. هنن جيڪا رپورٽ ڏني، تنهن غدر پارٽيءَ جي ليڊرن تي وڏو اثر ڪيو." (ٽڙهو سوويت لئنڊ، آگسٽ ١٩٦٥)

ان پارٽيءَ ۾ ڀڳت سنگهه جو ساٿي، هڪ مشهور انقلابي ٻجئه ڪمار سنها، انقلابين تي، روسي انقلاب جي اثر بابت لکيو، "...هي وقت هو جڏهن آڪٽوبر ١٩١٧ ۾ ٿيل روسي انقلاب جي سوڀ جي خبر پهتي... هندستاني انقلابي ان سوڀ جي خبر ٻڌي ڏاڍو

گڏگڏ ڏنا ۽ ان جي واڌارن لاءِ احساس ڪرڻ ۽ رشيا جي اڳوانن سان لهه وچڙ رکڻ جو فيصلو ڪيائون... بابا گرمک سنگهه، غدر پارٽيءَ جي انقلابي اڳوان لکيو آهي ته هنن انهيءَ پارٽيءَ جي ڪوشش ڪامياب نه ٿي ڏٺي "ان پنهنجي اندر جهاتي پائي پنهنجين ڪمزورين ۽ طاقت جو اندازو لڳايو. انوقت رشيا ۾ سوشلسٽ انقلاب ٿيو ۽ پارٽي سڀاويڪ انهي سوچ لاءِ جڳ حاصل ڪرڻ ۽ انهيءَ آزمودي جي اڀياس لاءِ پنهنجا ڪي ميمبر رشيا موڪليا."

اجيه ڪمار وڌيڪ لکيو، "...مون انوقت ڏٺو ته اسانجي پارٽي- هندستان ريپبلڪن ايسوسيئيشن- جا يو-پي، بهار، پنجاب ۽ اتر ڀارت جي ٻين هنڌن تي ڪم ڪري رهي هئي، سا سوشلسٽ مقصد ڏانهن وڌي رهي هئي... "اسانجي هڪ اڳوان سچيندرناٿ سنيال، اهي نوان خيال، پارٽيءَ جي "انقلابي" نالي پڌرنامي ۾ ظاهر ڪيا، جو ١٩٢٥ ۾ سڄي هندستان ۾ ورهايو ويو. سنيال کي ڪاڪوري سازش ڪيس ۾ جنم ٽيپ ۽ ٻين کي ڦاسيءَ جي سزا ملي... هاڻي پارٽيءَ جي ڪم جو بار اسان جهڙن ننڍين ممبر اڳوانن تي پيو. اسين ٻن هنڌن جي انقلابين سان لهه وچڙ ۾ هئاسين. لاهور ۾ ڀڳت سنگهه هو جنڪو ميرٺ سازش ڪيس جي ڪن جوابدارن سان ساٿ ڏيئي رهيو هو. ڪانپور ۾ اجيه ڪمار

گهرش هو، ١٩٢٤ ۾ ڪانپور بالشويڪ سازش ڪيس جي سزا ڪاٽيل شوڪت عثماني آزاد ٿي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو. گڻيش شنڪر ودياراٿي، حسرت موهاني ۽ ٻيا سوشلسٽ خيال جي حمايت ۾ لکي ۽ ڪم ڪري رهيا هئا... روسي انقلاب جي اثر هيٺ ملڪ ۾ ڪيتريون تبديليون ٿي رهيون هيون. مزدور پنهنجي هستي قائم ڪري رهيا هئا...

”هي وقت هو، جڏهن شوڪت عثماني، جيڪو روس ۾ ’ڪومنٽرن‘ جي ميٽنگ لاءِ وڃي رهيو هو، تنهن موٽڪي ڪانپور ۾ چيو ته تون ۽ ٻيا انقلابي ۽ مون سان هلو ته اسين پنهنجي پروگرام لاءِ روس کان مدد وٺون. مون ڀڳتسنگهه سان صلاح ڪئي. اسان محسوس ڪيو ته اڃا موزون وقت نه آيو هو. جڏهن اسانجي پارٽي ڪجهه جنگجو ڪارناما ڏيکاريندي تڏهن عثمانيءَ جي پيروي ڪبي. ان ساڳئي وقت اسان پنهنجي پارٽيءَ جو نالو بدلائي هندستان سوشلسٽ ريپبلڪن ائسوسيئيشن رکيو ۽ انجو سوشلزم ۾ وشواس هجڻ جي پڌرائي ڪئي. اسان ڦاسيءَ جي تختن ۽ مقدمن جي ڪورٽن مان سوشلسٽ وچارن جي پرچار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو... ان نيتيءَ جي پيرويءَ طور ٿي اپريل ١٩٢٩ ۾، سينٽرل اسيمبليءَ ۾ بم اڇلايا ويا ۽ ڪجهه مهينا پوءِ لاهور ۾ انگريزي آفيسر، سانڊرس جو خون ڪيو ويو جو هو ٿي لالا لجپتراءِ

جي موت لاءِ ذميوار هو." (نيو ايج، ۵ نومبر ۱۹٦٧)

## ڦاسيءَ وقت به لينن جو اڀياس

دهشت پسند ڪارروايون ڪندڙ سڀني پارٽي انقلابين مان گهڻي ۾ گهڻو اثر لينن جو ليو شهيد اعظم ڀڳت سنگهه تي، جنهن موت ۾ لينن-دوستيءَ جو اعليٰ اظهار ڪيو آهي. هن ته اصل ڦاسيءَ جي گهڙيءَ ۾ به لينن کي نه وساريو ۽ ڦاسي کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ، لينن بابت ڪتاب لائبريريءَ گهرائي پڙهڻ ويٺو. جيستائين اهو پڙهي پورو نه ڪيائين، تيستائين هو ڦاسيءَ تي وڃڻ لاءِ نه آيو.

ڀڳت سنگهه، جنهن نموني پنهنجي وڪيل کان آخرين وصيت لکڻ جي بجاءِ لينن جي جيوني گهرائي پڙهڻ لڳو. اٽڪل ساڍن ٽن ڪلاڪن کانپوءِ جڏهن جيل جي اختياريءَ وارا هن کي ڦاسي ڏيڻ لاءِ وٺڻ آيا، تڏهن ڀڳت سنگهه، لينن جي جيوني پڙهي رهيو هو. هن، ڪتاب تان اکيون هٽائي ڪانسراءَ تي، ڪمال همت سان روڪيندي چيو، "ترسو، هن وقت هڪ انقلابي، ٻئي انقلابي سان گڏجي رهيو آهي." اختياريءَ وارا اصل ڏنگ رهجي ويا. ٿوريءَ دير بعد ڪتاب پورو ڪري، ڀڳت سنگهه، ٽپو ڏيئي اٿيو ۽ چيائين، "هاڻي هلو." هو "انقلاب زنده باد" جا نعرا هڻندو مرڪندو ڦاسيءَ تي چڙهيو.

جنهن وقت ڀڳت سنگهه تي ڪورٽ ۾ ڪيس هلندو هو، تنهن وقت ۾ هو ڪورٽ ۾ ئي ”انقلاب زنده باد“ سان گڏ ”لينن زنده باد“ ۽ ”سوشلسٽ انقلاب زنده باد“ جا به نعرا هڻندو هو. هڪ ڀيري ٢٧ جنوري ١٩٣٠ تي لينن ڏينهن هو. هن ڪورٽ کي چيو ته سندس هي مبارڪن جي تار روسيا ڏانهن موڪليو ان ۾ لکيل هو، ”لينن ڏينهن جي موقعي تي، لينن جي آدرش لاءِ ڪار ڪندڙ شخص کي اسين مبارڪون ٿا ڏيون. شل روسي تجربو ڪامياب ٿئي. مزدور جي جئه ٿيندي ۽ سرمائيداريءَ جي ڪڙ ٽٽندي. بادشاهي مرده باد!“

ڦاسيءَ کان ڪي ڏينهن اڳ ڀڳت سنگهه پنهنجو لکيل آخري خط لکي ورتو ۽ ٻاهر موڪليو. اهو سندس آخري وصيت هو. ان ۾ لکيل هو، ”اسين اهو ڏڪ چئون ٿا ته اڄ اسان وٽ لڙائيءَ جي حالت آهي ۽ جيستائين هندستاني مزدور ڪسان ۽ انهيءَ قدرتي وسيلن جي، چند ٻيڙيندڙن هٿان لوٽ کسوٽ ختم نه ٿي آهي، تيستائين اها جنگ جاري رهندي... اها جنگ نئين جوش جذبي ۽ اڃا همت ۽ مضبوط ارادي سان لڙي ويندي، جيستائين اسان وٽ سوشلسٽ رعيتي راڄ قائم نه ٿيو آهي.“

## ٽئگور ۽ روسي انقلاب

جتي هندستان جا اول درجي جا قومي اڳواڻ ۽ اعليٰ

انقلابي، ليڪن ۽ روسي انقلاب کان متاثر ٿيا ۽ پنهنجي شرڌا ۽ معترتا جو اظهار ڪيائون، انهي پارٽي جي چوٽيءَ جا اديب پڻ ان ڳالهه ۾ متفق نه هئا. اهي اديب جدا جدا ٻولين جا هئا. انهن ۾ شاعر به هئا ته ڪهاڻيڪار به هئا، ناول نويس به هئا ته ناٽڪ نويس به هئا. مکيه هئا: گرديو ٽئگور، منشي پريمچند، نذرالاسلام، اقبال، سبرامنيم ڀارتي وغيره.

گرديو ٽئگور ته يڪدم روسي انقلاب کان اث مهدا ٿيو ماڊرن ريويو مخزن جي جولاءِ ١٩١٨ واري پرچي ۾ "ڇڙواڻي ٿي" نالي ليک ۾ لکيو، "اسانکي رشيا جي هاڻوڪي انقلاب جي اتهاس جي تمام ٿوري ڄاڻ مس آهي. ان باري ۾ اسان وٽ جيڪو ڪُرو احوال موجود آهي، ان جي آڌار تي، اسين هڪ سان چئي ڪري سگهنداسين ته هن مصيبتن وقت رشيا انسان جي اڻ جيت آتما کي، اخلاقي انڪار واد (nihilism) جي جوڙيل اُتيءَ خلاف، پنهنجو اظهار ڪرڻ ڏني ٿي پيا ته...... هنجي شاهي جدوجهد ۾ زندگيءَ اڱڻ جي ماڻڙسين مان اهو ثابت ڪونه ٿو ٿئي ته هوءَ ڪا گمراه ٿي وئي آهي. ممڪن آهي ته هوءَ هڪ قوم جي حيثيت ۾ ناڪامياب ٿئي، ليڪن جيڪڏهن هوءَ پنهنجي سچن آدرشن جو جهنڊو بلند رکندي ته ڪٽي ناڪامياب ٿئي ته به هنجي اها ناڪامي، صبح جي ان تاري

والگو ڪم ٿسي ويندي، جيڪر ٽئين ٻنگ جي پروپئگنڊا آئينده و آهي."

هن حوالي مان صاف ظاهر آهي ته گورنمينٽ کي سامراجيت جي ڪوڙي پرچار تي لڳي، روسي انقلاب کي رد ڪري نه ڇڏيو. انقلاب بابت ڪوڙي خبرچار ڦهلائي هنڌ ڪري هنجي هردي ۾ سپاهين ۾ هل چل هئي. ان هوندي به هن اهو محسوس ڪيو ٿي ته جيڪڏهن اهو انقلاب ناڪامياب به ٿئي ويو ته به انهي يادگيري، ٽئين ٻنگ جي پروپئگنڊا آئينده واري صبح جي تاري والگو تاري رهندي.

روسي انقلاب ناڪامياب نه ٿيو، پر اهو ڪامياب ويو، جو جڏهن ٽئگور ٽائم ۱۹۳۰ ۾ رشيا ۾ وڃي انسان جو درشن ڪري آيو. تڏهن انهي اهميت بابت خط پنهنجيان خط لکيائين، جيڪي جڏهن ڪتاب ۾ ظاهر ٿيا ته انگريز سرڪار اهو ضبط ڪري ڇڏيو. ٽئگور ٻڌايو آهي ته ڪيترن ته ڪيس روسي بولشويڪن خلاف ڀڙڪايو ۽ ڀرغلايو ويو ۽ ڪيس رشيا وڃڻ کان منع ڪئي وئي هئي ليڪن هو نه ڊڪيو ۽ نه ڀرغليو. ٽئگور ان باري ۾ لکيو، "رشيا ۾ جيڪي به ڏٺو ان لئه منهنجون اکيون ٿي چرخ ڪري ڇڏيون آهن. هو سڀني ملڪن کان نرالو آهي. اها نرالپ بنيادي آهي... مان جي هن ملڪ ۾ نه اچان ها ته منهنجي جيون-ياترا هڪ ٿي هڪ اڌوري

رهي وڃي ها. جيڪي ڪجهه هن ماڻهن ڪري ڏيکاريو آهي، تنهن باسڪ فتوحاتن ڏيڻ کان اڳ ۾، دل مان داڻهن نڪري وڃي ٿي ته 'ڪهڙي نه حيرت انگيز دليري!'

"جڏهن ماسڪو مان موٽڪي نيڪ ٿيا، تڏهن بولشيوڪن باسڪ منهنجي دل ۾ ڪو به صاف راءِ قائم نه هو. ڪيترائي دفعا هن خلاف ڳالهيون ٻڌيون هيون... ڪيترن نه موٽڪي اٿين ۽ چئي ٻڌايو ته اتي جيڪو، ڪجهه ٿوڪي ڏيکاريندا، سو سڀ ٻاهريون ڏيکاءُ ۽ ٺلهو هوندو. انڪري جڏهن مان هنن جي ڪرت ٿي ۽ اتي جي اتهاس ڏٺو. ڪان باڪي وائجهيل رڪان ها ته باڪي ڪڏهن به معاف ڪري نه سگهان ها... روسي انقلاب جي ڀڪار دنيا جي ڀڪار آهي. اڄ گهٽ ۾ گهٽ دنيا جي ٻين سيمي قومن کان هيءَ ٿي هڪ قوم آهي، جيڪا قومي فائدن جو خيال نه ڪري سڄي انسانذات جو خيال ڪري ٿي... أپمد جي هيءَ ڳالهه 'ماگرداهه' (اوپ نه ڪر) هتي اچي چڱيءَ طرح سمجهي آيم. ٿن جي لالچ شخصي ملڪيت جي مالڪيءَ جو سواويڪ نتيجو آهي ۽ هي ماڻهو، ٻاهران ان کي ختم ڪرڻ ٿا چاهين... روس ۾ موٽڪي وراث هردي جو سورش مليو. روس مان مرٽندي آمريڪا وڃي. وهيو آهيان، ته روس جي ٻاد اڄ به منهنجي من ۾ اڏڪار جماتي ويٺي آهي، ان جو ڏکيءَ ڪارڻ اهو آهي ته ٻين جن ديسن ۾ گهميو

آهيان، تن جيءَ سماج منهنجي من کي ڏوڏو ڪونهي،“

## ”هتي جي لينن پيدا ٿئي ها...“

گرڊيو ٽئگور جو پٽ رٿيندرناٿ ٺاڪر پنهنجي پانڊيراسن جي ڪتاب ”پتو سمرتي“ ۾، ١٩٢٠-١٩٢٢ واري زماني بابت هڪ نهايت دلچسپ ۽ اهم واقعو بيان ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته سندس پيءُ (گرڊيو) کيس انهن بنگال جي ڳوٺن ۾ موڪليو ۽ هن پدما نديءَ جي ڪناري تي هڪ ميڙ ڪوٺايو هو. ڳوٺن جو ڀاڳ گرما گرم بحث تي رهيو هو ته وچ ۾ سفيد ڏاڙهيءَ وارو هڪ پيرو اٿي ڪري ٿيو ۽ چوڻ لڳو، ”بابو، ڳوٺن جي مسئلن بابت ويٺو بحث ڳالهيون ڪرڻ جي معنيٰ آهي واهيات ڳالهيون ڪرڻ. ’سوديشي‘ نوجوان، ديس جي حالت سڌارڻ بابت شيخ چليءَ وارين ڳالهيون ڪن ٿا... ليڪن جڏهن اصلي ڪم ڪرڻ جو وقت اچي ٿو ته ان وقت ڪو به ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي! هتي جيڪڏهن ڪو لينن جهڙو شخص پيدا ٿئي ها ته هو هر ڪنهن کي سڌو ڪري ڇڏي ها.“
(هفتيوار ”جن يگ“، ١٩-٤-١٩٧٠)

مٿين واقعي مان ظاهر آهي ته ان زماني ۾ انگريزن جي بندش ۽ ڊائرونس واري راڄ هوندي به، لينن هندستان جي ڏور ڏور ڳوٺن ۾ رهندڙ هارين جي هيڻين جو هار بڻجي ويو هو. ان وقت گهڻن هندستانين پنهنجي اٿاهه شرڌا ۽ پيار ڏيکارڻ لاءِ پنهنجن ٻارن تي

نالو ئي رکيو "لينن." ڪن وري پنهنجن ٻارن تي "لينيدا" "سوويسٽ رشيا" "مارڪس" "اينگلس" "ڪرپسڪايا" "رشيا" "گورڪي" نالا رکيا (پڙهو هفتيوار "مين اسٽريم"، ۸-۳-۱۹۶۹). اڄ ڪله به "لينن" جي نالي وارا ٻار نواسي ان نالي سان ئي پنهنجي حياتي گهاري رهيا آهن. انهن مان ڪي ته وري سرڪاري عهدن تي به ڪم ڪري رهيا آهن.

## منشي پريمچند ۽ بولشيوزم

منشي پريمچند ته انقلابي رشيا کي ڏسڻ ڪانسواءِ ئي بولشيوزم جو حامي ٿي ويو ۽ هن پنهنجي هڪ دوست کي ۱۹۱۹ ۾ لکيو، "...مان گهڻي حد تائين **بولشيوڪ اصولن جو قائل ٿي ويو آهيان.**" انهن اصولن منشي پريمچند جي خيالن ۾ جيڪو ڦيرو آندو، انهي جهلڪ هن جي ليکن ۽ انهن وچان مان صاف ملي ٿي. هن جي ۱۹۲۲ ۾ لکيل ناول "پريم آشرم" جو ڪسان-نائڪ بلراج پنهن هارين کي چوي ٿو، "توهين ڄاڻو ٿا ڇا ته هارين کي ڪا هستي ئي ڪانهي... ۽ اخبارن ۾ لکيل آهي ته رشيا ۾ هاري راڄ ڪن ٿا ۽ جيڪو چاهين سو ڪري سگهن ٿا..." پريمچند جي پڇاڙيءَ وارن ناولن (گئودان ۽ منگل سوتر) ۽ ڪهاڻين (ڪفن وغيره) ۾ ته سوشلسٽ انقلاب جو اثر وڌيڪ صاف ۽ چٽو نظر اچي ٿو.

منشي پريمچند پنهنجن ليکن ۾ ڏيکاريو آهي ته ڪئين

انگريز اسانجي آزاديءَ جي هلچل خلاف بولشيوزم ٻوڙو ڀوت بدنام بڻا ڪن، پنهنجي مخزن ”هنس“ جي سال ١٩٣٠ جي مارچ ۽ اپريل پرچن ۾ لکيائين، ”جيڪڏهن هن کي (غريبن، مزدورن ۽ هارين) متحد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي ته بولشيوزم جو ڀُوت ڀڄي ان آندولن جي ڀار ڀڄي وڃي ٿي...“

منشي پريمچند ڀڄاڙي ٿاهه ۾ سوشلسٽ ويچارن سان وفادار رهيو ۽ آهستي آهستي وڌيڪ چٽو ٿيندو ٿي ويو. موت کان فقط ٻه مهينا اڳ هن ”پرولتاريادي سڀيتا“ تي ليک لکيو جنهن ۾ سرمائيداري سماج تي ملامت وجهندي، آخر وشواس ظاهر ڪري ٿو ته، ”هر هاڻ هڪ نئين سڀيتا جو سورج اولهه (روشيا) ۾ اڀري رهيو آهي، جنهن پرولتاريا جي جڙ کٽي ڇڏي آهي، جنهنجو مکيه اصول هي آهي ته هر شخص جيڪو محنت ڪري ٿو، سو راڄ ۽ سماج جو هڪ معتبر ڀاڱي ٿي سگهي ٿو... سلام آهي اهڙيءَ سڀيتا کي جنهن خانگي ملڪيت جو خاتمو آندو. اڄ نه سڀاڻ، دنيا ان راهه ڏانهن وڌي آهي...“

اسين اکين ڏسون ٿا ته ڪيئن نه منشي پريمچند جي اڳڪٿي سچي ثابت ٿي رهي آهي.

## نذرالسلام، اقبال ۽ پارٽي

نذرالسلام، بنگاليءَ جي ڪويءَ کي، سڏيو ٿي ”باغي شاعر“ آهي. هو به پنهن جي ديس ۾ اول سوشلسٽ

انقلاب کان ڪافي متاثر ٿيو. ان اثر کي هن پنهنجن گيتن ۽ ڪوتائن ۾ ظاهر ڪيو. سچ پڇ ته اهي ڄڻ آگ، جو اُلو هوندڙيون هيون. ان وقت اهڙيون ٻه مشهور ڪوتائون هيون "الترواشتري" ۽ "سماجوادي". لڌوالسلام نه فقط ڪوتائون لکيون، پر ڪهاڻيون پڻ لکيون هئائين. جن مان ڪجهه آهن- "پيڙا جي سوڪڙي" ۽ "هيما"، جيڪي ۱۹۱۸-۱۹۱۹ ۾ ڇپيون هيون. انهن ڪهاڻين کي پڙهڻ سان روسي انقلاب جي اثر جو پتو پوي ٿو. لڌوالسلام پنهنجون مضمون پڻ ڪيندو هو، جنهن سوشلسٽ خيالن جو ڦهلاءُ هو. انگريز ظالم سرڪار اهي ضبط ڪري کيس جيل ۾ به وڌو هو.

اقبال جو ته هڪ ڪلاسڪ شعر آهي "لينن، خدا کي حضور ۾". اهو نه پڪارڻ آهي ته ڪيئن نه لينن خدا کي شڪايت ٿو ڪري ته دنيا ۾ ظلم زبردستي، لوٽ کسوٽ وغيره جو بازار گرم لڳي پيئي آهي ۽ ڪڏهن الاجي سرمائيداريءَ جي ٻيڙي غرق ٿيندي. ان جي جواب ۾ خدا پنهنجن فرشتن کي حڪم ٿو ڪري ته:

"اٿو ميري دنيا ڪي غريبون ڪو جڳادو
ڪاخ امرا ڪي در و ديوار هلادو
سلطان جمهور ڪا آتا هي زمانا
جو نقش ڪهن تم ڪو نظر آئي مٽادو."

هتي ڀارت جي اُتر، اوڀر ۽ اولهه ۾ ٽنگرو، ٿر پهچندو،

ٽڊ دارالسلام ۾ اقبال، ليمن يا ليمن جي ملڪ متعلق پنهنجو
اظهار ڪيو. الي ڏکڻ ڀارت ۾ وري ان زماني ۾ مشهور
تامل ڪوي سبرمنيم ڀارتي هو، جيڪو ڀارت جو پهريون
پهريون اديب هو، جنهن ٢٨ نومبر ١٩١٨ تي روسي
انقلاب جي آجيان ۾ ليک لکيو ۽ ليمن کي رشيا جي
پروهيتن جو اڳوان ڪري ڪوٺيو. هن پڻ ڪيترائي اهڙا
ليک ۽ ڪوتائون لکيون. سندس هڪ مشهور ڪوتا آهي
”نئين رشيا“.

## ليمن بابت اوائلي ڀارتي ڪتاب

متين ساهتڪارن کانسواءِ ٻيا به جدا جدا ٻولين جا
ليک هئا، جن ڀارتي ٻولين ۾ ليمن، ۽ روسي انقلاب
بابت ڪتاب لکيا. اهڙو پهريون ڀارتي ڪتاب هو
هندي ۾ ”روس ڪي راجيه ڪرانتي“ جو رام شنڪر
اوستي ۾ ١٩٢٠ ۾ لکيو هو. هن ١٩٢١ ۾ ”بولشيوڪ
جادوگر“ جي نالي ليمن جي جيوني لکي ۽ ١٩٢٨ ۾
”لال انقلاب“ نالي ڪتاب لکيو. سومدته وديا لنڪر
١٩٢١ ۾ ”روس جو نئون جنم“ ڪتاب ڇپايو. سن ١٩٢٣
۾ وشمبر ناٿ جيجا ”روس ۾ ينگا لتر“ ۽ ٻيان ناٿ وديا
لنڪر ”روس ڪا پنچوالي راجيه“ ڪتاب لکيو.

مدراس ۾ وري جي-وي-ڪرشنا راءِ ١٩٢١ ۾
انگريزي ۾ ”نڪولائي ليمن“ ڪتاب لکيو. ان ساڳئي
سال اوڪ ڪميونسٽ اڳوان ايس-اي-ڍانگي ”گانڌي

۾ لينن" ڪتاب لکيو، جيڪو لينن ڪي ۾ دلچسپ لکيو هو.

اردوءَ ۾ وري لينن جي ٥٢ جلدن جي مولفي تي اپريل ١٩٢٢ ۾ حسن عزيز جاواليءَ جو لکيل ڪتاب "لينن اور انقلاب-روس" ڇپيو جيڪو اڄ ماسڪو جي لينن ميوزم ۾ رکيل آهي. انهي سال آنند ڪمار مهتا جو بولشيوزم ۽ روسي انقلاب بابت ڪتاب ڇپيو هو، جنهن ۾ ٢١٦ صفحا هئا. اهو ان وقت جو وڏي ۾ وڏو ڪتاب هو.

مرهٽيءَ ۾ پهريون ڪتاب هو لکشمڻ ناراڻ جوشيءَ جو "روسي انقلاب". اهو ١٩٢١ ۾ ڇپيو هو. انهي سال وري شوي پري جو لينن جي جيوني تي لکيل ڪتاب ڇپيو.

بنگاليءَ ۾ فاني ڀوشڻ گهوش جو لينن بابت ڪتاب ١٩٢١ ۾، پروفيسر آل سين جو روسي انقلاب بابت ١٩٢٣ ۾، ۽ سروج آچاريه جو نئين روسيا بابت ڪتاب ١٩٢٦ ۾ ڇپيو. ڪنڙ ٻوليءَ ۾ وري لينن بابت شري گورڪ جو ڪتاب ١٩٢٤ ۾ شايع ٿيو.

# لينن ۽ سنڌي

هندستان جي ٻين ڀاڱن ۽ ٻـولين وارن وانگر سنڌ
جي انقلابين، اڳواڻن، اديبن ۽ اخبارن لينن ۽ روسي
انقلاب جي آجيان ڪئي. انهن لاءِ همدردي ۽ حمايت،
محبتا ۽ شرڌا جو اظهار ڪيو ته انهن جي ويچارن جو
اثر پڻ جهٽيو. اها اسان سنڌين لاءِ نهايت فخر جي
ڳالهه آهي.

## سنڌي انقلابي

مولانا عبيدالله سنڌي اسانجو پهريون انقلابي هو،
جنهنکي ان زماني (روسي انقلاب وقت) ۾ ڪابل ۾
قائم عارضي آزاد هند سرڪار جي پرڌان وزير هجڻ
جو شرف حاصل ٿيل هو. هنجي سرڪار ٿي پهران پهران
عيوضي حيثيت ۾، لينن سان لهه وچڙ رکي ۽ مي 1919
۾ انجي سفارت (جنهن ۾ عارضي هند سرڪار جو پريزيڊنٽ
راجا مهيندر پرتاپ ۽ وزير اعظم برڪت الله وغيره هئا)
لينن سان ملاقات پڻ ڪئي. ٽـن سالن کانپوءِ خـود
عبيدالله سنڌي به رشيا ويو ۽ اتي سوويت سرڪار
جي خاص مهمان جي حيثيت ۾ ڪجهه وقت رهيو. جيتوڻيڪ
هن بابت اڃان پڌرو ٿيل آهي ته هو پڻ لينن سان گڏيو

هو، پر اها حقيقت ڪانهي، ڇو ته ان وقت جڏهن عبيدالله پاڻ چوي ٿو ته ”اهو غلط آهي ته مان ڪو لينن سان مليو هوس. ڪامريڊ لينن ان وقت اڃا به بيمار هو جو پنهنجن واقفن ۽ واجهن دوستن کي به نه سڃاڻي سگهندو.“

عبيدالله سنڌي، لينن سان گڏجڻ کانسواءِ به پاڻ سان هيجو ۽ روسي انقلاب جو اثر کڻي آيو. انڪري ئي هو مزدورن ۽ هارين جو حامي بڻيو ۽ سرمائيداري سرشتي جو مخالف بڻيو. جڏهن پاڻ به هڪ هنڌ چوي ٿو، ”اڄ دنيا ۾ سرمائيداريءَ کانسواءِ ٻيو ڪهڙو وڏو بت آهي، جنهن کي ٽوڙڻ جي ضرورت آهي“؟ (پڙهو هفتيوار پرچم-هند جو ۱۹۶۳ جو آزادي نمبر)

ان عارضي آزاد هند سرڪار پاران ڪابل، انقره، دمشق، ڪيرو ۾ لڳل مرڪز اڏيا ويا ۽ ”برلن ڪاميٽي“ وارن پارٽي انقلابين جي سهڪار سان انگريزن خلاف بغاوتون ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. هڪ اهڙيءَ ڪوشش کي انگريزن ”ريشمي خطن وارو منصوبو“ ڪري سڏيو جو ريشمي ڪپڙي تي لکيل خطن رستي کي نياپا موڪليا ويا هئا. مولانا سنڌيءَ اهي خط حيدرآباد سنڌ ۾ ٻئي انقلابيءَ شيخ عبدالرحيم (جيڪو آچاريه ڪرپالاڻيءَ جو وڏو ڀاءُ ڄائو ڄمل هو ۽ نئون مسلمان ٿيو هو). کي موڪليا جي الاجي ڪيئن سرڪار کي

هٿ لڳا جھڙڪري ڪيترن ئي کي انگريزن جيلن ۾ ڦاسيءَ جهڙيون سزائون ڏنيون. پر شيخ عبدالرحيم خطن جي جهلجي پوڻ جو پڌي هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو حيدرآباد مان پاڙي ويو. اسانکي لڳي ٿو ته ان وقت پڻ هندستاني انقلابين ۽ خلافت جي مهاجرن وانگر هو به ضرور روس ويو هوندو. مشهور پارسي انقلابي شوڪت عثماني پنهنجين يادگيرين ۾ عبدالرحيم جي نالن وارن ٽن ڄڻن جو ذڪر ڪيو آهي. هو ڏاڍهن سوويت ٻولين جي ان وقت جي هوائي عملدارن به پنهنجين يادگيرين ۾ ان نالي واري شخص جو ورڻن ڪيو آهي ۽ هنجي بهادريءَ جي واکاڻ ڪئي آهي. ان مان صاف پڪ سان چئي ٿو سگهجي ته اهو شخص ئي سنڌي انقلابي عبدالرحيم آهي.

اهو ياد رهي ته اهو شيخ عبدالرحيم ئي هو جنهن عبيدالله سنڌيءَ کي ١٩١٥ ۾ ڪابل وڃڻ وقت، پنهنجي زال ۽ ڌيءَ جا مڻيا وڪڻي پاڙي پئي وغيره جا پئسا ڏنا.

مولانا عبيدالله سنڌي ۽ شيخ عبدالرحيم کان سواءِ مشهور معروف انقلابي هئا، پر هڪ ٻيو انقلابي امير حيدر سنڌ ۾ اهڙو مشهور ڪونه ٿيو، جنهن جو رول (لينن ۽ روسي انقلاب جي حمايت پاڻ) هنن ان کان به وڌيڪ اهم لڳي. اهڙي انقلابيءَ جو ذڪر، ڪلڪتي جي روينڊر

ٽيهن سو اڏڻ وارو ڪارڻ. لينن ۽ روسي انقلاب لاءِ
اعليٰ عقيدتمنديءَ جو اظهار آهي ته سوشلسٽ وچارن
جي صداقت ۽ طاقت جو پڻ اهڃاڻ آهي. ڪاش! هن
ڀاڱ ڪا وڌيڪ ڪرڇ لڳي.

## سنڌي اڳواڻن تي اثر

لينن جي رهنمائيءَ ۾ آيل روسي انقلاب سڄي ڄڳ
ڇوليون ماريندڙ ساگر جي هڪ اهڙي طوفاني لهر
هئي، جنهن جي لک ۽ تيزيءَ سان اڳتي ته وڌڻ ڏاڍو
ڏکيو هو. جيڪي اڳواڻ اڄ به ڪڏهن ڪميونزم
جو پوسٽ ليا پيهندا آهن، سي به روسي انقلاب وقت
انجو ايپاس ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا هئا. جن جو ثبوت
انگريز سرڪار جي سي-آءِ-ڊي جي رپورٽن مان ملي
ٿو. مئي ١٩٢١ع جي هڪ اهڙيءَ "هفتيوار رپورٽ" ۾
ڄاڻايل آهي، "سنڌ ۾ اسڪار الدولن جو هڪ مکيه
اڳواڻ جيرامداس دولترام، لنڊن ۾ آر. آر. فيلڊ کي لکيو ته
برٽش ڪميونسٽ پارٽيءَ پاران جيڪو به ساهت ڇپيو
هجي سو کيس موڪليو وڃي." اهو ڏيکاريو ته ان وقت
جيرامداس ڪسي پڻ روسي انقلاب لاءِ همدردي هئي.
ان رپورٽ ۾ بولشيوزم جي اثر بابت لکيل آهي ته
"هندستان جي هاڻوڪيءَ هلچل ۾ بولشيوڪ اثر جو به
ڪجهه حد تائين حصو آهي. هن هلچل هلائيندڙن
جي تقريرن ۾ ورور ڪري بولشيوزم بابت همدردائي

لوع ۾ ذڪر ڪيو وڃي ٿو... ۽ 'سرمائيداري لُوٽ کسوٽ' ۽ 'مزدورن جي حقن' ڏانهن پڻ اشارو ڪيو وڃي ٿو." (پڙهو "لهر" ١٥-٨-١٩٦٧)

## آدو جيٺمل پرسرام

اسانجو هڪ اهڙو ٻيو اڳواڻ هو آدو جيٺمل پرسرام جيڪو نه فقط راڄنيتي رهبر هو، پر اوچ درجي جو اديب هو ۽ اعليٰ اخبار نويس به هو. هن تي به لينن ۽ روسي انقلاب جي خيالن جو اثر اُن وقت جي سڀني سنڌي اڳواڻن ۽ اديبن کان وڌيڪ ٿيو ۽ اُنهي ڦهلاءُ ۾ وڌيڪ همٿ وڌايائين. هن پنهنجي اخبار "ڀارتواسي" ۾ ٢٧ فيبروري ١٩٢٤ واري پرچي ۾ "لينن، رشيا جو رهبر" نالي ليک ۾ لکيو، "ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته هن جهڙي سورهيائي، قرباني، بي نظير آهي. لينن شاهوڪارشاهي جي خاتمي جو جنسي اوتار هو. آواز بلند ڪيائين ته اهو زمانو اچي رهيو آهي، جڏهن غريب، ظالمن کان آزاد ٿيندا..." ساڳي طرح ٧-اپريل ١٩٢٤ واري پرچي ۾ به لينن ۽ رشيا جو ذڪر ڪيائين.

آدي جيٺمل، ڀارتواسي ۾ ٢٤ ڊسمبر ١٩٢٣ واري پرچي ۾ لکيو، "اسانجو رايو آهي ته شاهوڪارن جو هندستان، انگلنڊ جي مهتين کان سوراج وٺي ڪين سگهندو. ٻيو مهتين (يعني پورهيتن) جو هندستان، انگلنڊ جي مهتين کان سوراج ڇڪي وٺي سگهندو."

هن حوالي مان ظاهر آهي ته آدي جيٺمل جو وشواس هو ته هندستان جي آزاديءَ لاءِ اهو نهايت ضروري آهي ته ڀارت جا مزدور ۽ هاري ٻئي ان ۾ سرگرم ڀاڱو وٺن ۽ ٻئي طرف انگلنڊ ۾ جيتوڻيڪ پورهيت (ليبر) ڌر جي سرڪار هئي ته به اها پنهنجو سامراجواد ۽ سوراج ڏيڻ واري نه هئي، پر ان کان اهو ڇڪي وٺڻو هو ۽ اهو به هندستاني شاهوڪار نه، پر پورهيت ئي وٺي سگهيا. آدي جيٺمل جي انهن ويچارن مان سو سوشلسٽ خيال جو اثر صاف نظر پيو اچي. حقيقت ۾ هو پڪي سڌانتوادي سوشلسٽ هو.

## سوشلزم تي پهريون سنڌي ڪتاب

آدو جيٺمل پرسرام اديب هو جنهن "سوشلزم" تي ١٩٢٧ ۾ ڪتاب لکيو، جيڪو سنڌيءَ ۾ پهريون ڪتاب هو، جنهن ۾ سوشلزم جا مکيه متا سمجهايل آهن ۽ انهيءَ انترراشٽري هلچل تي روشني وڌل آهي. آدي جيٺمل ڪتاب ۾ اهو ٻڌايو آهي ته ڪيئن نه، انگريز سرڪار ۽ سرمايدار هندستان ۾ بالشيوزم جو هائو اٿي ماڻهن کي ڏڪائي رهيا آهن. هي صاف ڇٽو آهي ته جيستائين هندستان ۾ سوشلزم لاءِ سمجهه پيدا نه ٿيندي، تيستائين سوراج مان به اسانکي سک ڪين ملندو. آخر ۾ هو چوي ٿو ته سنڌين لاءِ، سوشلزم جي مت کي سمجهڻ نهايت ضروري آهي.

آدو جيئمل ان ڪتاب ۾ لکيو، ”ڪميونسٽ جو مقصد هڪ سٽ ۾ سمائجي سگهجي ٿو ته خانگي ملڪيت جو خاتمو ڪيو وڃي.“ يعني ته ”... ملڪيت خاص جي هٿ مان نڪري عام جي هٿ ۾ اچڻ گهرجي... ٿورن جي هٿ مان ڪڍي ساري سنگت جي هٿ ۾ واپس ڏنيون آهن... ’سڀڪنهن کان سگهڻيءَ آهر، سڀڪنهن کي گهرج آهر‘ اهو آهي بنياد سڄي سوشلزم يا ڪميونزم جو... ڳالهه انهيءَ لاءِ ٿي اٿڻ گهرجي ته نه انسان سڀ ۾ ڪين گڏاريندو، نه ڏک جي جهنم ۾ نيٺ گهاريندو... هاڻ روسي ساميوادين سان قدري شامل آهن ته ڌرم ۽ مذهب هن وقت آفيم مثل آهي، جنهن سان ماڻهن جا دماغ بلڪل خراب ٿي رهيا آهن... جنگيون اڪثر ڪري وڏا ڌاڙا آهن. ملڪيتون ۽ جاگيرون انهن ڌاڙن جو نتيجو آهن. اهي شاهوڪاري جراثيون آهن. انڪري سڄو جهان هڪ جهنم جي مثل ٿي پيو آهي... جن ٿورڙن کي سڀ ترڪو ۾، جن ٿورڙن ته ڪجهه سي ترڪو ۾... زميداري، ڪارخانا ۽ واپار، اهي ٿيون شاهوڪاري بلا جا مڏهن آهن، جا هاڻ بلا منش چالي ڪي ڪاڻيدي وٺي آهي... ساميوادي، شخص جي برخلاف ڪين آهن، پر سرشتي جي برخلاف آهن. هو چوانا ته سرشتو بدلايو... ملڪ جي ملڪيت تي سڀني جو حق ٿئي... ڪيترن جو چوڻ آهي ته سوشلزم جو

بنياد يورپ ۾ ڪارل مارڪس وڌو... مارڪس جي علميت جي هاڪ جلد ئي ٻڌڻ لڳي، جي هو انهيءَ علميت کي وٺي ها، ۽ دنيوي واڌاري جو خيال ڪري ها ته ڪو وڏو پروفيسر ٿئي ها يا ته وڏو ملڪي عملدار ٿي سگهي ها... هن جي ڪيتري ڪٿ سڀني ٻڌي آهي... روشيا ۾ ڪارل مارڪس جون ڪيترائون ڳالهيون عمل ۾ آنديون ويئون آهن. روس ۾ تازي انقلاب جو اڳواڻ لينن، ڪارل مارڪس جي مت جو هو... هو حيرت جهڙو اعليٰ انسان هو... جنهن ماڻهن ۾ ساميوادي شڌاس پڙدي ويندي، تن ماڻهن جا رواج، دستور، قاعدا ڦرندا ويندا. مثلا هن وقت روشيا جي قاعدي موجب ستو اهڙو گناهه آهي جو سڀني هندن کي جيل ۾ داخل ڪري ٿو سگهجي... بولشيوڪ جو لفظ هتي هندستان ۾ شاهوڪار ۽ سرڪار انهن اڳاريندي آهي، جنهن "رجڪ پرڙو" ڪري ٻالڪن کي ڊيڄاريو آهي، سچ پچ بولشيوڪ شبد جي معنيٰ آهي "گهڻا". بولشيوڪ مت زور ليو روشيا ۾..."

متين حوالن مان اهو ظاهر آهي ته آدي جيٺمل کي ڪتاب لکڻ وقت روشيا جي انقلابي حالت جي چڱي چوکي ڄاڻ هئي. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ هن صاف صاف لکيو آهي ته "منهنجو اعتقاد آهي ته ڀارت ۾ هن وقت ساميواد جي ڦهلجڻ جي نهايت ضرورت آهي...

منهنجو رايو آهي ته جيسين هندستان ۾ ساميواد جي سمجهه
نه ايندي تيسين سوراج مان ڪو به سک ڪين ملڻو آهي.
سوراج ضروري آهي ساميواد لاءِ، ۽ ساميواد ضروري
آهي سوراج لاءِ... سنڌ جي ماڻهن کي ساميواد جي
صحيح سمجهڻ جي نهايت ضرورت آهي... سنڌ جو مستقبل
گهري ٿو ته سنڌ ۾ ساميوادي تحريڪ جاري هجي."

آدي جيٺمل پاڻ به ساميوادي تحريڪ ۾ تيزي آڻڻ
لاءِ ڪم ڪيو. هو ٿي پهريون شخص هو جنهن زمين لاءِ
"هاري حقدار" جو نعرو بلند ڪيو. آدي جيٺمل جو
سوويت روس لاءِ جيڪو قرب هو سو ان ڳالهه مان به
پڌرو آهي ته جڏهن ١٩٤٠ ۾ فاشسٽ جرمنيءَ روس تي
ڪاهه ڪئي ته هو روز فاشسٽن خلاف ڪئي لـ
ڪئي ڀيرو ليڪچر ڪندو هو.

## ساڌو واسواڻي ۽ لينن

آدي جيٺمل ڪالهوڙ ساڌو واسواڻي هو جنهن ڪنهن
وقت راڄنيتيءَ ۾ به ڀرپور حصو ورتو هو ۽ هڪ سڄڻ ڪوي ۽
وڪالتگر هو، تنهن پڻ پنهنجي ڪتاب Creative
Revolution (رچناتمڪ انقلاب) جيڪو ١٩٢١ ۾ لکيل
۽ ١٩٢٢ ۾ ڇپيل آهي، ان ۾ لينن بابت پنهنجي شردا ۽
عزت جو اظهار ڪيو آهي. ساڌو جن اهو لکن ٿا "لينن
هڪ يوگي آهي؛ لينن کي جنتا لاءِ قرب آهي؛ هو هن
جي، گهٽ ۾ گهٽ هنسا ڪرڻ ۾ وشواس آهي؛ هندستان

جو نہ اهنسا ۾ اعتقاد آهي."

ساڌو جن رشيا ۾ بولشيوڪ انقلاب بابت ۽ لينن تا
"بولشيوڪ انقلاب بابت هن وقت تنقيدي ڪم ڪرڻ،
جلد بازي ٿيندي. ٻيو وقت ئي لينن جي ڪلهن جي
ڪم ڪري سگهندو..." ساڌو جن جو هي رايو ڏيکاري
ٿو تہ هنکي روسي انقلاب بابت همدردي هئي ۽ هو
سامراجين جي ڪوڙي پرچار تي پيلاجي ڏڦيڪڙ ۾ انقلاب
کي ننديڻ لاءِ تيار ڪونہ هو.

ساڌو واسوائيءَ جي لينن بابت ظاهر ڪيل راءِ کي
ان وقت ايتري تہ اهميت هئي جو هندستان ۾
جيڪو پهريون ڇپيل لينن بابت ڪتاب انگريزيءَ ۾
شري جي. ڪي. ڪرشنا راءِ لکيل ڇپيو هو. انهي مهاڳ
۾ راءِ ساڌو جن جو لينن بابت حوالو ڏنو هو.

جڏهن ادي جيٺمل اسانجي آزاديءَ جي هلچل جي
ڪاميابيءَ لاءِ هارين ۽ مزدورن جو سرگرم ساٿ ضروري
سمجهيو، تڏهن ٻئي ليکڪ ٽيرٿ وسنت پڻ ضروري ٿي
سمجهيو تہ قومي هلچل کي عوامي هلچل بڻائڻ کپي. ان
بابت ۾ "پارليواسي" جي ٣١-١-١٩٢٦ واري پرچي ۾
لکيائين، "آزادي اهڙي شيءِ ناهي جو ڪير ڪن ٿورڙن
جي ڦٽڻ کي ورڻ وٺائڻ سان ملي ٿي. رشيا کي
زار کان آجي ڪرڻ لاءِ هزارن اهڙا شخصي سک ڏهر
سمان سمجهي ڪٽڻ ۽ سوڙيءَ جو ڪلين وارو تاج

خوشيءَ سان قبوليو... جيئن هندستان ۾ پڙهيل نوجوانن
کي هارين ۽ مزدورن سان رلڻ ملڻ ۽ انهن جي دکن
سورن ۾ همراهه ٿيڻ لاءِ سمجهاڻيون لکيون آهن ۽
جيسين عام لوڪن ۾ جاڳرتا نه آئي، تيسين آزادي هڪ
دور دراز سهڻي سپني وانگر هوندي...“

مٿين حوالي ۾ روسيا جو ڏنل مثال ڏيڻ اسو ڪري
ته ليکڪ روسي انقلاب جي اثر کي ڇهيو هو ۽ چاهيائين
ٿي ته اسين به ان مان پنهنجي آزاديءَ جي حاصل لاءِ
سبق سکون. اهو اثر ١٩٤٠ ۾ ڇپيل جي ”جواهر جيوتي“
(نهروءَ جي آتم ڪٿا) ۾ لکيل مهاڳ مان به ظاهر آهي.
پڻ جي ڪيترن رچنائن سوشلسٽ ويچارن جي ڦهلاءَ
کي هٿي ڏني آهي.

## لعلچند امرڏنومل

ان دؤر جو ٻيو هڪ مشهور ليکڪ هو لعلچند
امرڏنومل جڳتياڻي، جنهن جي ان زماني ۾ لکيل رچنائن
مان به سوشلسٽ ويچارن جي پرچار جو پتو پوي ٿو.
١٩٢٧ ۾ لکيل پنهنجي هڪ مشهور ”ٻڪ جا چڪ“ ۾
۾ ته اصل ڪميونزم ۾ پورهئي ۽ پئسي جي ورڇ بابت
مڪمل بنيادي اصول ورتل ڏنو اٿس. لکيئن ته دنيا مان
غريبي ٽارڻ لاءِ ”ڪي ڇا ٿو هي تا ڏس ڏيسن،
ڇي، ڪمراني (يعني آزادي) سرشتو جيڪڏهن هـي
چالو ڪجي، جو هرهڪ پنهنجي پورهئي آهي سندس گهرج

آهي ۽ هرهڪ ٻي آدم ڪم ڪري پنهنجيءَ سگهه سارُ ۽ ڦصو لُهي ٻوي.“ ۽ ان ٻاري ۾ جتي ته سنڌس دل ۾ هلچل هئي، انڪري ان ليک ۾ اڳتي هلي ”الساهه“ جو سوال ٿو اُٿاري ته ان ڪانسواءِ ماڻهو ٻاٽيهي ڪيئن ڪم ڪندا؟ ساڳئي وقت ٻئي هڪ هنڌ، لعلچند خود ڇوڙس لي ٿياسي ماڻهن کي ڪاسائي ڪري ڪوٺڻ کان ۽ نٿو هٻڪي. چوي ٿو، ”اهڙا جيڪي جڏهن جيري ڪاٻر ٻڪريءَ کهنديءَ کهڪاءَ نٿو ٻسري، سي سچ ٻچ ڪاسائن کان ٻه ٻري ڇڙيا.“

لعلچند جي خيالن جي هلچل ان وقت جي حالتن جو نتيجو هئي، جڏهن سنڌ ته ڇا، پر هند ۾ به سوشلسٽ خيالات ۽ هاري مزدور هلچل اڃا واڌوڙن ٻائي رهي هئي ۽ سرڪار جي ڪڙي نظر جو شڪار هئي. ڇو ته زندگيءَ جي پڇاڙيءَ وارن سالن ۾ لعلچند جي اها هلچل ڪافي دور تائين نظر ۾ اچي. جتي ۱۹۵۳ ۾ ”لاٽ“ (ڪهاڻين، ڪردارن وغيره جي مجموعي) ڪتاب ۾ لکيل سنڌس مهاڳ ۽ ۱۵ آگسٽ ۱۹۵۳ واري هندواسيءَ جي ليک مان به پڌرو آهي. پنهنجي ان مهاڳ ۾ نوجوان ۽ ترقي پسند ليکڪن جي رچنائن بابت چوي ٿو، ”ساميواد ۽ ڪميونزم جو پرچار مذهبن ڀل ڇڏي آهي. (ٻوءِ اُ) هن پرڪار جو ساهت اها ڪا اندر واري ٻڌ چوري ٿو، جو وڳوڙن ٻنهي واٽ جيئن ڪچن. سهين سنڌ جا هندو

ٿورواسي اهڙي ساهت کي وڌي سان، آخر اڄ به سان واجهين ٿا.“ ڇو ته اهڙي ليکڪ کي ”لکڻ هڪڙي ئي لڳل آهي ته اهي لوڪ سڄاڳ ٿي پنهنجي ڏر ٿي ڏاها ٿين ته جن سمدن ٿي جهڙن جيئرن، کين پتسه کيو آهي، تنهن کيئن ٽڪ مان وُر لاهي پنهنجي آرلڪ جيوت کي اهو ڦرو ڏيارن، جنهنجو هرهڪ جيءَ کي جنمي اڌڪار آهي.“

پنهنجي هڪ ٻئي آخري ليک ۾ جو هندواسي ۾ ١٥-٨-١٩٥٣ تي ڇپيو هو، لکيو ته، ليکن جي عظمت، اڄهو هيٺين عقيدلمندي سان ٿو ظاهر ڪري ۽ پنهنجن اڳراڻن جي اوڪهڙ ٿو ڪري: ”روس جو مثال وٺ. هڪڙو ليڪن هو، جنهن ملڪ ۾ مانداڻي مچائي ڏنائين، کيئن ته ديس جي ڪايا پلٽ ڪري وڌائين! ۽ اساڃي اڳراڻن جي ٽَرَ ڪهڙي؟... ٽاڙها جيڪي مارپا اٿن، سي سڀئي ڪـي سمجهن ٿا... ڍيڍ ٿـو ٿئين نـه پونجي وارن، ڪارخانيدارن، شاهه واپارين کي رنجايرن ته اهـي مٿان کو مونڊ نه مچائين... ڇا سرڪار لوڪن جي پوت پڏڻ لاءِ اخبار نويسن تي روڪ وجهڻ لاءِ پبلڪ سيفٽي بل ۽ پريس بل ناهي سگهي ٿي، پر سرڪار کي اها سمرٿي ڪانهي ڪا، جو لمر گهڙي اُهن کڻ ۽ ڪهڙي جـي ڪارخانن وارن کي جهڙو پوت تهڙي چهات هڻي، پوري پر ٿي آڻي؟“

هنن حوالن مان صاف ظاهر آهي ته ڀاڱيءَ جي وقت ۾ لعلچند، ليکن ۽ سوشلسٽ ويچارن جي ڪيترو نه ويجهو هو.

## ناٽڪ ۾ هاري مزدور جي ڪشمڪش

جيئن چيو ويو، لعلچند ۽ ٻين سنڌي مضمون نويسيءَ ۾ سوشلسٽ ويچار پيش ڪيا، تيئن ناٽڪ نويسيءَ ۾ پوري اهو شرف خانچند دريانيءَ کي حاصل آهي، جيڪو حقيقت نگاريءَ واري ناٽڪ جو باني هو. ان ڏس ۾ هنجا ٻه ناٽڪ خاص ذڪر لائق آهن- "زميداري ظلم" (١٩٢٧) ۽ "مايا جو انڌ" (١٩٣٠). ٻنهي ناٽڪن جي نالن مان ئي انهن جي مطلب جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. انهن ۾ آرٿڪ ڪشمڪش جو چٽو چٽيل آهي. پهرئين ناٽڪ ۾ هاري ۽ زميندار جي جدوجهد جو ته ٻئي ۾ وري مل مالڪن ۽ مزدورن جي جهيڙن جو. البت اها جدوجهد ۽ جهيڙا ڪا نئين وگيانڪ ۽ سوشلسٽ نظريي سان ڏيکاريل ڪانهي. ان هوندي به، آرٿڪ لوٽ کسوٽ جي وشيه باٻت هي پهريان سنڌي ناٽڪ آهن، جن مان سوشلسٽ ويچارن جي اثر جي جهلڪ ملي ٿي. انهي ٻنهي "زميداري ظلم" ناٽڪ لئي ليل ان وقت جي حيدرآباد سنڌ جي هڪ اخبار جي ڪيل سمالوچنا مان ئي ملي ٿي. ان اخبار ١٩٢٨ ۾ سمالوچنا ڪندي لکيو، "...پستڪ ۾ جيڪي پاتر ڏيکاريل آهن، سي

سپاهي بڻيا، ليڪن زميندارن ۽ واپارين جا سچ پچ اهڙا تي ظلم آهن ۽ ڳوٺاڻن هارين سان ورتل وهن ٿا ۽ مسٽر درباڻيءَ ڪوه، وڌاءُ، ڳالهه ۾ ڪيو ڪونه ٿي ڏسجي. جڏهن بولشيوڪ رشيا ۾ شروع ۾ ڪڙهي ڪاسي فرنٽ تي ايندا، تڏهن ”زميداري ظلم“ ۾ دلمراد (هاري) ۽ شاهوڪارن ۽ زميدارن جو دشمن ٿي پدلي ولڻ لاءِ پاڳل ٿي ٿو وڃي. البت سنڌ ۾ اڃا ڪڙهي ڪاسجي سڄاڳ نه ٿيا آهن، جو هن طرح ظلم جو پاڙو جهاڙو ولن، پر جڏهن حالتون آهن ۽ زميداري ظلم ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي، تڏهن تمام جلد دلمراد جهڙا ڪيترائي پيدا ٿيڻ ۽ ساڳي زبردستيءَ جي نموني سان ظلم ۽ ستم جي پاڙ ڪڍين.“

هي حوالو اسانکي نه رڳو روسي انقلاب جي اهميت ۽ اثر کان آگاهه ٿو ڪري، پر اهو به ٿو ٻڌائي ته ان زماني ۾ ان انقلاب جو اثر اسانجي سامهون جي انهن شاخن سان گڏ سمالوچنا تي اثر پيو هو. هڙي قسم جي صحافتي سمالوچنا، سنڌيءَ ۾ ترقي پسند تنقيد جو اوائلي ۾ اوائلي نمونو آهي.

هڪ ٻي ايڪ جهمانند رگهومل جو ٿليو ناٽڪ ”مزدور“ هندو اخبار جي ٣-٨-١٩٣٧ واري پرچي ۾ ڇپيو هو. اهو هڙتال ۽ پوليس جي گوليبازيءَ کانپوءِ مزدورن جي سوچ ڏيکاريل آهي. ناٽڪ جي پاڙيءَ

۾ دنيا جي مزدورن جي هڪ حڪومت جو تصور ڏنل آهي. ساڳئي وقت ڊڪٽيٽرشپ جو خيال به ڏنل آهي.

ٻيوس ۽ سوشلزم

جديد سنڌي شاعريءَ جي باني ٻيوس به وقت جو سنڌ اوائلي سوشلسٽ خيالن جو اثر ورتو هو، جو سندس شعرن جهڙوڪ ”جهونپڙي“، ”هاءِ هاري“، ”پورهيت“، ”ساهوڪار“ وغيره شاعرن مان پڌرو آهي، جيتوڻيڪ اهي شعر ۾ ڪٿي ڪٿي آدرشواد ۽ رهنمواد جدا جدا نظر مثال آهن. ٻيوس تي روسي انقلاب جي اثر جو چٽو ثبوت هنن ان سٽن مان ئي ملي وڃي ٿو، جيڪي هن ”ساهوڪار“ شعر ۾ لکيون آهن جنهن ۾ سرمايدار کي مفتخور، خون چوس، آزار پهچائيندڙ، ڏکائي ۽ زار ڪري ڪوٺيو آهي:-

جنهن ورتو ڏن مان، ولبو شان ساهوڪار جو،
لڳن وڏي، دنيا ۾ باعث زار جي آزار جو.

ٻيوس جون هي ٻه سٽون ئي سچي سرمائيداري سرشتي جي ستم کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. هڙئي قسم جو شعر جنهن ۾ زار ڏانهن اشارو ڪيل هجي، سو سنڌيءَ جو اهڙيون شعر آهي. ان بابت ۾ ٻيوس جو شش پروفيسر رام پنجواڻي چوي ٿو ”ساهوڪار شاهيءَ تي هلان ٻيوس کان اڳ ڪنهن لکيو ڪٿي؟... هو شاهنواز جو سهائڪ ۽ ڪميونزم جو ڪالکي آهي.“ (پرهه هندواسي، ١٧-٩-١٩٦٧)

# ساميوادي شاعر جتوئي

ايرس ڪانووءِ ايو سنڌي شاعر جيڪو لينن ۽ روسي انقلاب جي خيالن کان گهڻو متاثر ٿيو آهي ۽ انهن جو ڦهلاءُ به زور شور سان ڪيو آهي، سو آهي حيدر بخش جتوئي. هن کي ته سڏبو ئي ويندو آهي "ساميوادي شاعر". هن جي انهن ويچارن جهڙي جهلڪ ٻهران ٻهران اڳاڻڪي سنڌس شاعرن جي مجموعي "لطف سنڌ" مان ملي ٿي، جو ۱۹۳۰ ۾ ڇپيو هو. هن مجموعي ۾ سندس گهڻن شعرن ۾ طنز ۽ ٽوڪرون ڀريل آهي، جنهن ذريعي ايشوري (خدا باسم) آنڌ وشواس جي اوگهڙ ڪيل آهي.

هن مجموعي جو شعر "شڪوه" سنڌي ۾ جو هڪ ٻهتران شعر آهي. ان شعر کي ڪٽي ان زماني ۾ ملن ۽ مولوين جهڙي هانيڊوس مچايو هو ۽ جتوئي ۾ خلاف ڪفر جون فتوائون صادر ڪيون هيون. ان شعر جا ٽورا بند جهڙس طور هيٺ ڏجن ٿا. شاعر خدا کي چوي ٿو:-

۱. تون جي آدم جو خدا، ڪير آ شيطان جو خدا؟

۲. ڪير آ، ڪير آ، آخر ۾ سڀ هو جو سڀ،
تنهنجي هولڊي يا خدا ڪنهنکي ڏجي هوڙ و لقب!

۳. يا خدا تون آهين خالق ڪ مسان خالق تنهنجو.

ٻيڙي ۾ شاعر چوي ٿو ته جيڪڏهن جهان ۾ سڀني لاءِ سک شانتي ۽ عيش عشرت پيدا ڪرين ها ته توکي ڪهڙو نقصان ٿئي ها؟

جتوئيءَ جي هن شعر جو بنياد آهي ماديت ۽ عقليت، جيڪي ٻئي عناصر سوشلسٽ خيالن جا اهم انگ آهن. هن ڪتاب ڪاڇوره ۾ جتوئي ڪيترائي شعر لکيا آهن، جن ۾ سوشلسٽ خيالن جو اثر ۽ ڦهلاءُ صاف صاف سمايل آهي. ورهاڱي کان اڳ ڇپيل سندس ڪتاب "آزادي-قوم"، سنڌي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ ديس جي حالت ۽ آزاديءَ جي هلچل کي سوشلسٽ نقطه نگاه کان پيش ڪيو ويو آهي. جتوئيءَ عوامي شاعر سان گڏ، عوامي اڳواڻ به آهي. سنڌ جي هاري هلچل جو هو جڻسي روح روان آهي. جنهن جي خدمت خاطر هن پنهنجي واڳائيءَ جهڙي نوڪري-ڊپٽي ڪليڪٽريءَ کي ٺوڪر هڻي ڇڏي ۽ ڪيترائي دفعا جيل ۾ پيو ڇڙون ۽ جهڙيون سٺيون.

ان دور جي ليکڪن ڪاڇوره پيدا ٿيل ته ڪيترن ئي ليکڪن تي لينن ۽ سوشلسٽ انقلاب ۽ خيالن جو زبردست اثر ٿيل آهي.

## سنڌي اخبارون ۽ روسي انقلاب

هند سنڌ جي اخبارن ۾ روسي انقلاب جي ڏينهن لينن ۽ بولشيوزم جي حق ۾ لکيل احوال کي پڙهي جنسي دنگ رهجي ٿو وڃجي. ڪجهه اخبارن جو ٿي احوال ڏجي ها ته اهو هڪ جدا ڪتاب ٿي پوي ها. الڪري جنس طور مثال ڏجن ٿا. مهراڻ وخاص گزيٽ ١٩-١١-١٩٢٠

تي لکيو، "سرڪار ماڻهن کي ٻولشيوزم جو ڊپ ڏيئي ڏيکاري رهي آهي... هڪ سؤ سالن کان انگريز، ڀارت ۾، افغانستان ۽ رشيا جي ڀئه کان، وڏي فوج رکندي ويٺا آهن... هاڻي جڏهن ماڻهن ان خلاف آواز اٿاريو آهي ته ٻولشيوزم جو ڀئه ڏيکاريو ٿو وڃي..."

ماهوار "سندو" ته پنهنجي جنم (١٩٣٢ ۾) کان ئي لينن، سوشلسٽ انقلاب ۽ رشيا بابت، وقت به وقت ليک ٿي ڏنا. مارچ ١٩٣٢ ۾ لکيائين، "زعيمي اصولن جي آمد ۽ زارشاهيءَ جي قيامت روسين جي احساس ۾ هڪ نئون ورق ورايو، زماني جي لهر ڪنهن نئين جهلڪ ڀسائي. هن هلچل جو باني مشهور مدبر لينن هو... هتي (رشيا ۾) جهڙو آهي راڄ، تهڙو رنگ، جهڙو وڏو تهڙو ننڍو... سڀني لاءِ ساڳيون رعايتون..."

"سندو" آگسٽ ١٩٣٥ ۾ ته لينن ۽ گانڌيءَ جي ڀيٽ ڏني. "هندو" اخبار ١٩٣٤-١٩٣٥ ۾ لينن ۽ روسي انقلاب بابت قسطوار ليک ڇپيا هئا. گلي سدارنگاڻيءَ پنهنجي ناول "الهائي" (١٩٤١ ۾) جي نائڪ جي پٽ جو نالو ئي لينن رکيو.

آخر ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته لينن جيڪا ڀارت لاءِ دوستيءَ جي ڀاونا ڏيکاري، اهڙي ئي ڀاونا، اسان هند سنڌ جي رهواسين لينن ۽ سوشلسٽ انقلاب ۽ رشيا لاءِ ڏيکاري آهي.